


# سرسو

ڀهراڙي جي ترقي ۾
اوهان جو مددگار ادارو

جنوري کان جون 2019

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهہ ماهي

# سرسو

جنوري 2019 کان جون 2019

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن.

(القرآن)

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- يورپي يونين جي سفارتڪار پاران سرسو جو دؤرو ........ 4
- منظم تنظيمي عورتن سان بلاول ڀٽو زرداري جي ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ........ 10
- تعلقہ ڪوٽڏجيءَ ۾ انتظامي سرگرم ڪارڪنن جي گڏجاڻي ........ 15
- گگدام جانورن جي ڀلائيءَ وارو پروجيڪٽ ........ 18
- سرتيون سنگ ڪرافٽس ميلو ........ 20
- سرسو ٻڌايو ڏڻ جو ڏڻي ........ 24
- بنا وياج قرض جو صحيح استعمال، خوشحاليءَ جي ضمانت ........ 26
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو ........ 27
- سرگرم ڪارڪنن سان گڏجاڻي ........ 31
- لوچين سين لهن ........ 36
- شائستہ جي سوچ جو سفر ........ 38
- ڪاميابيءَ جي جهلڪ ........ 40
- خواب ساپيا ........ 42
- معذوري ناهي مجبوري ........ 44
- ٻہ ٽہ ٻارنهن ........ 46
- واڪا ڪرڻ وس مون ........ 49
- سنڌ جا هنر ........ 51



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.

فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111

ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر



**ايڊيٽر**

**نويد اسحاق ميمڻ**

سينيئر مئنيجر MER

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**ايڊيٽوريل بورڊ**

**نياز احمد هنگورو**

ريجنل مئنيجر - II

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**زبير سومرو**

مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**غلام رسول سميجو**

ٽيم ليڊر PPRP

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**بابر جاگيراڻي**

پروگرام آفيسر MER

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد ڀرڙو**

ڊسٽرڪٽ مئنيجر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهه کان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌَڙ کي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان رقم ڪجن.

چوندا آهن ته تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهه ۾ ٿورو واڌارو ڪندس ته تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ته ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسطہ هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سَوَن سالن کان پاڙون مضبوط ڪري ويٺل ناقص نظام سان هجي ته پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي ويون ته پوءِ اهو سفر اڃان به گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون به تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نه صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن ته سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙي جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو ويني آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو عزم هوندو آهي ته جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون ته جيئن انهن ماڻهن جي همٿ، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نه صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارائتا فرد پڻ بڻجن.

اميد آهي ٿا ته اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا ميجتا ڏني آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سنڌ جي غريب مارُوئڙن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ واهڻ ۽ وستيون بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا غريب ماڻهو، جيڪي بيرزگاري ۽ غربت جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل آهن، انهن جي معاملن کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن خاص طور تي عورتن جي جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اڀاري ٿو تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي 15 ضلعن ۾ صحت، تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، فني سکيا ۽ ڳري مشينري جي ڊرائيونگ وغيره جي مد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وڌرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ سات جي اجان بہ وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

سات سلامت

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# يورپي يونين جي سفارتڪار
# ايڇ اي جين فرينڪوئس ڪاتين پاران سرسو جو دؤرو

29 اپريل 2019

بخت علي ابڙو

سينيئر پروگرام آفيسر ايم اِي آر

## تعارف

سنڌ جي يونين ڪائونسل ۽ ڪميونٽي کي معاشي طور سگهاري ڪرڻ جو پروگرام SUCCESS Program سنڌ صوبي جي انن ضلعن ۾ فيبروري 2016 ۾ شروع ٿيو. يورپين يونين جي مالي سهڪار سان شروع ڪيل SUCCESS پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ مختلف RSPs ڪم ڪيو جن ۾ SRSO, NRSP ۽ TRDP شامل آهن. سڪسيس پروگرام SUCCESS جو مقصد سنڌ جي انن ضلعن ۾ موجود ٻهراڙين جي عورتن کي معاشي طور سگهارو ڪجي ته جيئن غربت ۾ خاطر خواهه گهٽتائي آڻي سگهجي. انهن 8 ضلعن مان ٻن ضلعن لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهدادڪوٽ اندر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن - SRSO ان پروگرام کي عملي جامو پهرائي رهي آهي. ان حوالي سان پاڪستان ۾ موجود يورپين يونين جي سفارتڪار مسٽر جين فرينڪوئس ڪاتين H.E Jean-Francois Cautain ڊسمبر 2016 ۾ سڪسيس پروگرام SUCCESS Program جي تعارفي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي هئي. ان دوري دوران سفارتڪار ڪميونٽي سطح جي آرگنائيزيشنز جي عورت اڳواڻن سان ملاقات ڪئي جيڪي ان پروگرام تحت تيار ڪيل پهريون متحرڪ ۽ منظم اڳواڻ هيون.



- مسٽر جين فرينڪوئس ڪاتين پنهنجي گهرواري مسز سونيا ڪاتين Ms. Sonia Cautain سان گڏ نيڪ اداِئي سالن ڪانپوءِ سڪسيس پروگرام SUCCESS Program جي ڪارڪردگيءَ کي جاچڻ لاءِ هڪ دفعو ٻيهر 29 اپريل 2019 ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو.

- جتي هن IGG, CIF ۽ Micro Health Insurance مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن سان ملاقات ڪئي ۽ اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو ان اسڪيم تحت ملندڙ مالي مدد سان ڪيئن ننڍي پئماني جي ڪاروبار (ڌندي) ۾ پئسو لڳائن ٿيون ۽ صحت جون مفت سهولتون حاصل ڪري ڪيئن پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي معاشي ۽ صحتمند زندگيءَ ۾ مدد فراهم ڪن ٿيون.
- هنن ڪميونٽي جي ميمبرن طرفان پنهنجي مدد پاڻ تحت شروع ڪيل "گهريلو سطح تي سبزين جي پوک" جو پڻ دورو ڪيو، جنهن سبب انهن کي روز مره جي کاڌخوراڪ ۾ سهولت ملي رهي هئي.
- انهن ڳوٺ پيارو مگسي يونين ڪائونسل زڪريو مهيسر تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو ۾ هڪ ڪميونٽي ڪانفرنس ۾ پڻ شرڪت ڪئي ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي اڳواڻن طرفان ورتل مختلف فائدن، پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪمن ۽ شاندار ڪاميابين بابت انهن کان حال احوال پڻ ورتا.
- انهن لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر محمد نعمان صديق، حڪومت سنڌ جي مختلف ادارن جي اڳواڻن ۽ مختلف ماڻهن سان پڻ ملاقاتون ڪيون ۽ هيٺين سطح تي موجود انهن منظم تنظيمن ۽ انهن جي ڪاميابيءَ لاءِ رابطي جي منظم طريقي تي پڻ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.
- انهن ZABTech جو پڻ دورو ڪيو ۽ مختلف ڪمن ڪارين جي حوالي سان ملندڙ ماهرانہ ۽ هنري تربيتن جو پڻ جائزو ورتو.
- انهن پنهنجي ماڻ ۾ منعقد ڪيل صوفي ثقافتي راڳ جي محفل ۾ پڻ شرڪت ڪئي جنهن جو انتظام سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ ڪيو ويو هو.

## CIF ۽ IGG مان فائدو حاصل ڪندڙن سان ملاقات

- محترم ايمبيسيڊر پهريون دورو ڳوٺ پيارو مگسي جو ڪيو جتي هو ان پروگرام مان فائدو وٺندڙ ڪيترن ئي فردن سان مليو. سندن پهرين ملاقات ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو دڪان ڪوليندڙ مائي حسينہ زال جهانگير سان ٿي، جنهن ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ CIF مان لاڀ حاصل ڪيو هو. ايمبيسيڊر ڪانئس دڪان هلائڻ جي حوالي سان روزانہ جي آمدني ۽ خرچ بابت سوال ڪيو. هن ڪيس ٻڌايو تہ هاڻ هوءَ روزانہ جي بنياد تي -/300 کان -/500 روپيہ ڪمائي ٿي ۽ ان مان روزانہ جي بنياد تي گهٽ ۾ گهٽ -/200 روپيہ بچائي رکي ٿي. جناب ايمبيسيڊر فائدو حاصل ڪندڙ مائي حسينہ جي جوش ، جذبي ۽ لڳاءَ جي واکاڻ ڪئي.



- ٻئي ڳڏجاڻي مسمات نسرين زال رحمان گل سان ٿي جنهن مائڪرو هيلٿ انشورنس MHI ۽ ڪميونٽي سطح تي سيڙپڪاري فنڊ CIF مان فائدو حاصل ڪيو هو. مسمات نسرين CIF جي مليل پئسن مان -/30,000 روپين ۾ هڪ مينهن خريد ڪئي هئي، جنهن جي هاڻ قيمت لڳ ڀڳ -/70,000 آهي. ايمبيسيڊر ان مينهن جي چاري تي آيل خرچ بابت پڻ سوال ڪيو، لاڀ حاصل ڪندڙ ان عورت ٻڌايو تہ هوءَ

پنهنجي مڙس سان گڏ ٻني ٻاري جو ڪم پڻ ڪندي آهي، جنهن سبب انهن ڪي مينهن جي چاري جو بندوبست آسانيءَ سان ٿي ويندو آهي. هن جناب ايمبيسيڊر ڪي پنهنجي مڙس جي تڪليف بابت پڻ حال احوال ڪندي ٻڌايو تہ هن جو مڙس هڪ بيماري سبب گهمڻ ڦرڻ کان صفا لاچار ٿي پيو هو. ان دوران هن MHI جو ڪارڊ استعمال ڪندي ان جو علاج سرفراز ميڊيڪل سينٽر تان ڪرايو ۽ جيڪڏهن هن وٽ صحت جي سهولت واري انشورنس نہ ٿيل هجي ها تہ شايد هوءَ پنهنجي مڙس جو علاج نہ ڪرائي سگهي ها. هاڻ هن جو مڙس مڪمل صحتياب آهي. جناب ايمبيسيڊر صاحب CIF جي پيسن جي صحيح استعمال ۽ MHI صحت ڪارڊ جي بروقت استعمال ڪي ساراهيو جنهن سبب قيمتي جانيون بچي پيون آهن.

- جناب ايمبيسيڊر CIF مان فائدو حاصل ڪندڙ ڪجهہ ٻين عورتن سان پڻ ملاقات ڪئي، هو راحيلا سان مليو جنهن CIF مان مليل پئسن عيوض هڪ ٻڪري خريد ڪئي، ارباب خاتون سان مليو جنهن CIF جي پئسن مان هڪ مينهن خريد ڪئي ۽ شائستہ سان پڻ مليو جنهن IGG جي مدد سان هڪ ڳئون خريد ڪئي آهي. جناب ايمبيسيڊر انهن کان سوال ڪيو تہ انهن سڀني امداد جي مليل پئسن مان آخر چوپايو مال ئي ڇو خريد ڪيو. تنهن تي لاڀ حاصل ڪندڙ انهن سمورين عورتن کين ٻڌايو تہ هو مال ڪي پالڻ ۽ تاتڻ جو ڪم چڱي طرح ڄاڻينديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ چوپايو مال انهن جي سموري خاندان لاءِ فائديمند ٿيندو آهي. هڪ تہ انهن ڪي کير گهر ويٺي ملي ويندو آهي ۽ ٻيو تہ مال جي صورت ۾ گهريلو سطح تي انهن وٽ هڪ اثاثو پڻ جڙي پيو آهي. ان دوران جناب ايمبيسيڊر فائدو حاصل ڪندڙ عورتن جي گهرن جو پڻ دورو ڪيو.

## وڻن جي پوکائي ۽ هڪ سرڪاري اسڪول جو دورو




لاڀ حاصل ڪندڙ عورتن سان ملاقاتن بعد جناب ايمبيسيڊر ۽ ان جي گهرواريءَ انهيءَ ڳوٺ ۾ طئہ ڪيل هڪ جڳهہ تي پنج وڻ پڻ پوکيا تہ جيئن پنهنجي آس پاس موجود ماحول ڪي گدلاڻ ۽ ماحول جي ٻين خطرن کان بچائي سگهجي. وڻن پوکڻ ڪانپوءِ انهن اتي موجود هڪ سرڪاري پرائمري اسڪول جو دورو پڻ ڪيو. جناب ايمبيسيڊر تعليم جي معيار، اسڪول ۾ مهيا ٿيل سهولتن، پڙهايو ويندڙ نصاب ۽ پڙهائڻ جي مختلف طريقن بابت استادن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ انهن جي ڪيل ڪمن ڪي خوب ساراهيو. هو مختلف ڪلاسن جي شاگردن سان پڻ مليو ۽ انهن جي سبق بابت انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ انهن کان مختلف گيت پڻ ٻڌا ۽ شاگردن کان انهن جي مستقبل جي حڪمتِ عمليءَ بابت پڻ سوال ڪيا. جناب ايمبيسيڊر ڀهراڙيءَ جي علائقن ۾ پڙهائيندڙ استادن جي محنتن ڪي ساراهيو ۽ سندن همت افزائي پڻ ڪئي.

## ڪميونٽي ڪانفرنس ۾ شرڪت

گهرن جي دوري ڪرڻ ڪانپوءِ جناب ايمبيسيڊر انهيءَ ڳوٺ جي ڪميونٽي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. انهيءَ ڳوٺ جي 300 کان وڌيڪ ڳوناٺيون منظم عورتن يورپي يونين جي ايمبيسيڊر ۽ ان جي گهرواريءَ جو ڀرپور استقبال ڪيو. ايمبيسيڊر سڀ کان پهرين انهن عورتن سان مليو جيڪي بزنس ڊولپمينٽ گروپس BDGs تحت مختلف ڪم ڪار ڪري رهيون هيون جن ۾ ٽڪ جو ڪم، ڀرت جا مختلف ڪم ۽ ڪائڻ جي مختلف پاپڙن جون شيون شامل هيون. پروگرام جي شروعات محترمه پروين (ايل ايس او اڳواڻ) جي آجياڻي تقرير سان ٿي جنهن لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي سمورين منظم عورتن جي طرفان جناب ايمبيسيڊر ۽ ان جي گهرواريءَ کي ڀليڪار ڪيو. ڀليڪار ڪرڻ ۽ آجياڻي ڪانپوءِ مختف لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز جي اڳواڻن پنهنجي پنهنجي ڪارڪردگي جي رپوٽ پيش ڪئي.



لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”پرهه“ مان محترمه پروين، محترمه عابده ۽ محترمه سعيده - لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”بلندي“ مان محترمه نور، محترمه ڪمال ۽ محترمه افروز - لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”موئن جو دڙو“ مان محترمه بشيره، محترمه بينظير ۽ محترمه مريم پنهنجين پنهنجين لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز طرفان ڪنيل پيش قدمن ۽ ڪمن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. انهن عورتن خاص طور تي پاڻ کي مليل انهن ڏڪن، ڌمانن، خطرن ۽ مشڪلاتن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي جيڪي انهن کي پنهنجين ڪميونٽيز ۽ برادرين طرفان پيش آيون پئي ته جيڪڏهن انهن پنهنجي گهر يا ڳوٺ کان ٻاهر ڪم ڪيو ته انهن جي لاءِ خير ڪو نه هوندو. انهن پنهنجي ذاتي زندگيءَ سان واسطو اهڙن تجربن بابت پڻ انڪشاف ڪيا ته مختلف ڏکين حالتن ۾ اهي ڪيئن مضبوط ٿي بيٺيون ۽ پنهنجو پاڻ ۽ ٻين عورتن لاءِ ڪم ڪيو.




مختلف لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز جي اڳواڻن جي پيش ڪيل پريزنٽيشنز ڪانپوءِ CIF, IGG, MHI ۽ TVST جي پروگرامن مان لاڀ حاصل ڪندڙ مختلف عورتن انهن پروگرامن مان حاصل ٿيل فائدن بابت جناب ايمبيسيڊر سان پنهنجا خيال ونڊيا ۽ مختلف ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون. جناب ايمبيسيڊر انهن عورتن کان پڇو ته اهي ڪهڙا واضح نشان ۽ عملَ آهن جن جي ڪري اوهان جن ڳوٺن ۾ غربت جي گهٽائڻ ۾ اثر پيو آهي. انهن عورتن مختلف دليل ڏيندي ٻڌايو ته هو زندگيءَ ۾

پهريون دفعو متحرڪ طريقي سان منظم ٿيون آهن، پاڻ ۾ مستقل طور تي گڏجاڻيون ڪنديون آهن، ڳوٺ جي ترقيءَ لاءِ گڏجي منصوبه سازي ڪنديون آهن ۽ انهن ڪي هاڻي سمجهه ۾ اچي ويو آهي ته اهي ڪهڙا مسئلا ۽ عملَ آهن جن جي ڪري عورتن ڪي ڳوٺاڻي ترقيءَ واري عمل ڪان الڳ رکيو پيو وڃي. ڪجهه عورتن ته اهو پڻ ٻڌايو ته هاڻي انهن جي گهريلو زندگيءَ ۾ انهن جي رتبي ۾ فرق اچي ويو آهي ۽ هو هاڻ پاڻ ڪي سماج ۾ وڌيڪ سگهاريون محسوس ڪري رهيون آهن جڏهن هو پنهنجن ڳوٺن جي مسئلن جي حل لاءِ مرد حضرات سان ڳالهه ٻولهه ڪنديون آهن.

## منظم عورتن سان ڳالهه ٻولهه

محترمه سونيا ڪاٽين پهريون ڳالهائيندي چيو ته جڏهن ڪان SUCCESS پروگرام جي اڳواڻي عورتن جي حوالي ٿي آهي تڏهن ڪان انهن عورتن ۾ ڪافي حوصلو ۽ همت پيدا ٿي آهي. هن سمورين عورتن جي ڪيل ڪاوشن ڪي



ساراهيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڪوڙ سارا اسڪول کولڻ جي ضرورت آهي.
جناب ايمبيسيڊر ڳالهائڻ دوران اُٿندي ئي چيو ته يورپي ملڪ ڪڏهن به ترقي نه ڪري سگهي ها جيڪڏهن اتي مرد ۽ عورتن ڪي هر سطح تي اڳتي وڌڻ جي لاءِ برابري جي بنياد تي موقعا نه ملن ها. پاڪستان جي آباديءَ جو 50% عورتن تي مشتمل آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته عورتون سماج جون اڏيندڙ هونديون آهن. پر اهو تمام گهڻ ڏنو ويو آهي ته باقي اڌ آباديءَ طرفان عورتن جي ان ايڏي وڏي قدم ڪي مڃتا ڏني وڃي.

- ڪالهه اسان لاڙڪاڻي ۾ ڀٽو جي مزار تي وياسين، منهنجي خيال ۾ اهو اوهان ۽ اوهان جي ڌيئرن لاءِ تمام گهڻو اهم هجڻ ڪپي ۽ اهي به اها سوچ رکن ته هڪ ڏينهن اهي به بينظير ڀٽو وانگر هن ملڪ جون وزيراعظم ٿي سگهن ٿيون.
- تعليم هر قوم لاءِ تمام گهڻي اهم ٿيندي آهي. يورپي يونين سنڌ حڪومت سان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ سهڪار ڪري رهي آهي ۽ ان ڳالهه ڪي يقيني بڻائي رهي آهي ته هر ٻار تائين معياري تعليم جي حاصلات ڪي ممڪن بڻايو وڃي.
- مان سمجهان ٿو ته ان ڳالهه جي تمام گهڻي اهميت آهي ته اوهان جي علائقي يا صوبي جي سياستدانن ڪي ان ڳالهه تي آماده ڪجي ته هو اهي سمورا ڪم سرانجام ڏين. اهي سمورا ڪم تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهن ٿا جڏهن اوهان سڀ تمام گهڻا منظم ٿيو ۽ انهن ڳالهين تي زور ڏيو ۽ گهُرَ ڪيو ته هو اوهان جي ڳوٺ جي تعليم ۽ صحت جي مسئلن ڪي حل ڪن. پنهنجي علائقي جي سياستدانن ڪي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته هو اوهان جي ڳوٺ جي تعليم، صحت ۽ ٻين مسئلن ڪي ترجيحي بنياد تي حل ڪن.

- اهو پڻ ڏاڍو اهم آهي ته اوهان پنهنجي نيٽ ورڪ کي استعمال ڪيو. اوهان جو ڪردار اهو هجڻ گهرجي ته اوهان پنهنجي لوڪل مقامي سرڪاري نمائندن، سياستدانن ۽ چونڊيل نمائندن کان اها گهر ڪريو ته هو اوهان جي ڏورانهن ڳوٺن ۾ تعليم، صحت ۽ ٻين سهولتن کي ممڪن بڻائن.
- آخر ۾ جناب ايمبيسيڊر لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز ۾ ننڍي گرانٽ جا چيڪ ورهايا ته جيئن هو پنهنجون آفيسون کولي سگهن. ٻن ڳوناٽين تنظيمن لاءِ يورپي يونين جي فنڊ مان ٻه چيڪ ٻڪرين خريدڻ ( پنس پروجيڪٽ تحت) PINS ۽ مائڪرو هيلٿ انشورنس MHI جا ڪارڊ ٻن ڳوناٽين منظم تنظمين ۾ ورهايا ۽ ان سان گڏ (پروگرام فار امپرووڊ نيوٽريشن ان سنڌ) PINS جي CLEWS ۾ پنج ڪٽس (Kits) پڻ ورهايون.

## ڊپٽي ڪمشنر، حڪومتي آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجاڻي



جناب ايمبيسيڊر سرڪٽ هائوس لاڙڪاڻو ۾ حڪومتي عملدارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي ماڻهن سان گڏجاڻي پڻ ڪئي. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي ڊپٽي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرز پڻ شرڪت ڪئي.

جناب ايمبيسيڊر ٻنهي ضلعن ۾ SUCCESS پروگرام تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ ضلعي حڪومت جي رابطي ۽ عملي ڪردار جي مُکُ نقطن تي ڳالھ ٻولھ ڪئي. يورپي يونين جي ايمبيسيڊر وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته يورپي يونين هن وقت سنڌ ۽ بلوچستان اندر غربت گهٽائڻ لاءِ جن پروگرامن کي فنڊنگ ڪري رهي آهي انهن جو مقصد تعليم جي حاصلات، ڪاڏ خوراڪ ۽ عورتن کي سگهارو ڪرڻ آهي. صحيح ڪاڏ خوراڪ نه ملڻ ۽ جسماني طور صحيح واڌ ويجهه نه ٿيڻ پاڪستان جو هڪ وڏو مسئلو آهي ۽ خاص ڪري اهو مسئلو انهن ضلعن ۾ ٿئي ٿو جتي غربت ۽ اڻ جاڻائي گهٽي آهي. هن چيو ته جيڪڏهن اوهان سموري سنڌ کي ترقي ڏيارڻ چاهيو ٿا ته اوهان کي صرف ڪراچيءَ کي ترقي وٺرائڻ جي ابتڙ سڀ کان پهرين ٻهراڙين کي ترقي وٺرائڻي پوندي.



## زيب - ٽيڪ (ZABTech) جو دورو

زيب - ٽيڪ ZABTech ۾ جناب ايمبيسيڊر TVET ڪلاسن جو دورو ڪيو جيڪي GIZ جي ماتحت سيڪٽر سپورٽ پروگرام تحت هلي رهيا هئا جن ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم، چمڙيءَ جي حفاظت، وارن جي ڪٽائي، فيشن ڊزائننگ، ڪپڙن ناهڻ ۽ بجليءَ جي ڪم جي سکيا جا ڪورس شامل هئا. هن تربيت وٺندڙن سان سندن مستقبل جي رٿابندي ۽ ڪاميابين بابت ڳالھ ٻولھ ڪئي. ڊائريڪٽر ZABTech محترمه وحيده مهيسر جي طرفان هڪ پريزنٽيشن پڻ ڏني وئي جنهن ۾ جاٽايل پروگرام طرفان تربيت وٺندڙن جي ٻنهي بيچز جي معلومات شامل هئي. لڳ ڀڳ شام جو پوڻين پنجين بجي جناب ايمبيسيڊر لاڙڪاڻي کي خيرباد ڪري سکر ڏانهن روانگي ڪئي. رات جو جناب ايمبيسيڊر ثقافتي صوفي راڳ جي محفل ۾ شرڪت ڪئي جيڪا انهن جي مان ۾ سرسو ڪامپليڪس هيڊ آفيس سکر ۾ منعقد ڪئي وئي هئي.

# سرسو پاران منظم تنظيمي عورتن سان بلاول ڀٽو زرداريءَ جي ڪيل ڳالهه ٻولهه

رپورٽ : جميل سومرو

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران عوام جي غربت گهٽائڻ جي پروگرام (PPRP) تحت منظم عورتن جي تنظيمن جي ڪارڪنن جي هڪ پُروقار تقريب سکر جي مهراڻ ڪلچرل ڪامپليڪس ۾ ڪوٺائي وئي جنهن جو مُک مهمان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هو. جڏهن ته خاص مهمانن ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه جن پڻ هئا.

تقريب جو باقاعده آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن ڪان پوءِ عورتن جي منظم تنظيمن ڪميونٽي آرگنائيزيشن (COs ، ڳوٺاڻي تنظيم (VOs) ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSOs)، جون اڳواڻ جن جو سنڌ جي مختلف ضلعن گهوٽڪي، شڪارپور، لاڙڪاڻو، قمبر-شهدادڪوٽ، ڪنڌڪوٽ-ڪشمور، سکر، خيرپور ۽ جيڪب آباد سان تعلق رکندڙ اسٽيج تي اچي تقريرون ڪندي چيئرمين محترم بلاول ڀٽو ۽ اسٽيج تي ويٺل سڀني مهمانن جون دليون کٽي ورتيون.

مختلف رنگن جي تازن گلن سان سجايل اسٽيج تي تقريب جي مُک مهمان بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه، ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه، سيد ناصر حسين شاهه، سيد خورشيد شاهه، سکر جو ميئر ارسلان شيخ، اڳواڻو ايم پي اي حاجي انور علي خان مهر، سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، آءِ.بي.اي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر نثار احمد صديقي ۽ ٻيا



وينل هئا.

محترم بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ذريعي غربت جي خاتمي جو پروگرام شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ شروع ڪيو، جيڪو هن وقت



تقريبن پوري سنڌ صوبي ۾ هلي رهيو آهي. هن چيو ته غربت جي خاتمي وارو پروگرام نه صرف سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي ڪاميابي آهي بلڪ اِها توهان غريب عورتن جي ڪاميابي پڻ آهي. اِها اوهان جي جاکوڙ جو نتيجو آهي ۽ اها توهان جي فتح آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيڪي چوندا آهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي ته ڪجھ ڪيو ئي نه آهي. نه ميٽرو بسون هلايون آهن، انهن کي اڄ مان ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته منهنجو جواب توهان آهيو، عورتن ڏانهن هٿ جو اشارو ڪندي هن چيو ته منهنجو جواب هي آهن منهنجو جواب توهان سڀ اُهي عورتون آهيو جيڪي اڄ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهن جيڪي نه صرف عوام جي غربت گھٽائڻ واري پروگرام ذريعي بلڪ اُهي سڀئي عورتون خيبرپختونخواھ کان وٺي ڪراچي تائين جيڪي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي پنهنجي خوشحال زندگي گذاري رهيون آهن.

هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران شروع ڪيل غربت جي خاتمي وارو پروگرام دراصل هڪ انقلابي پروگرام آهي جھڙيءَ طرح وفاقي پروگرامن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وفاقي پروگرام هيو. اهڙي طرح سنڌ ۾ هي انقلابي پروگرام آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي کي جڏهن به حڪومت مِلي اسان اهڙا ته انقلابي ۽ شفادار پروگرام شروع ڪيا جنهن جي نه صرف ڏيهي پر پرڏيهي اقتصادي ماهرن به ساراهيو آهي، ۽ دعوت ڏني ته اسان به پئسا ڏينداسين توهان انهن پروگرامن ۾ شامل ڪيو. هن چيو ته شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ غربت جي خاتمي واري پروگرام جي ڪاميابي ڏسي يورپين يونين چيو ته اسان به اهڙو پروگرام سنڌ ۾ شروع ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪو الحمد الله اڄ سنڌ جي اٺن ضلعن ۾ هلي رهيو آهي. اِها به توهان جي ڪاميابي آهي جيڪا پوري دنيا مڃي رهي آهي.

هن چيو ته مون سان دنيا جا سربراھ ملندا آهن ۽ اهي چوندا آهن ته سڄي سنڌ سميت سموري پاڪستان جون عورتون باقي سڀني ملڪن کان اڳتي آهن، جاکوڙي آهن.

بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، سنڌ حڪومت جي مالي تعاون سان هن وقت تائين ڏھ لک گھراڻن کي منظم ۽ سپورٽ ڪئي آهي، جيڪا معمولي ڳالھ نه آهي، نه صرف اِهو بلڪ هڪ لک اَسي هزار عورتن کي بغير وياج جي قرض ڏنو ويو آهي، پندرهن هزار گھر تعمير ڪرائي ڏنا ويا آهن، پنجھ هزار عورتن کي هنري سکيائون ڏنيون ويون آهن. هن چيو ته ايندڙ بجيٽ ۾ سکر ڊويزن ۽ پوري گھوٽڪي ضلعي ۾ ان پروگرام لاءِ پئسا رکيا ويندا ته جيئن اتان جون مڙئي عورتون به هن انقلابي پروگرام مان پورو پورو فائدو حاصل ڪري سگھن.

هن چيو ته پيپلز پارٽي جو اِهو مشن رهيو آهي ته اسان پنهنجي غريب ماروئڙن جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪيون ۽ الحمدالله ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي دؤر ۾ ملڪ جي سيني نوجوانن کي روزگار ڏنو، روزگار جا موقعا گهٽ هئا ته به ذوالفقار علي ڀٽو مفت پاسپورٽ نهرائي نوجوانن کي ٻاهرين ملڪ موڪليو ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ ڪين روزيءَ سان لڳايو. هن جو چوڻ هيو ته ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ هڪ نعرو پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿيو ته ”بينظير ايندي ۽ روزگار ڪٺي ايندي“ ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته پاڪستان جي چئني صوبن ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز ڪم ڪري رهيون آهن، جيڪي نه صرف توهان جي ٻارڙن جي صحت لاءِ جاکوڙي رهيون آهن. بلڪ پنهنجي محنت سان عزت سان روزگار به ڪري رهيون آهن.

بلاول چيو ته ايندڙ حڪومت ۾ غربت جي خاتمي وارو پروگرام اسان ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شروع ڪنداسين ۽ توهان سيني وانگر باقي صوبن ۾ رهندڙ غريب عورتن کي منظم ڪري بنا وياج جي قرض ڏئي پوءِ غربت مان ٻاهر ڪڍنداسين.



سنڌ جي وڏي وزير سيد مُراد علي شاهه پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اسان پنهنجي پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جا هڪ دفعو وري ٿورائتا آهيون جيڪي سنڌ حڪومت جي مالي تعاون سان جاري سرسو جي منظم عورتن واري اڄ جي پروگرام ۾ شامل ٿيا. هن پيپلز پارٽي جي چيئرمين سان مخاطب ٿيندي چيو ته اڄ توهان انهن عورتن جون ڳالهيون پاڻ ٻڌيون ۽ اُنهن ڳالهين جي ٻڌڻ کان پوءِ مان نٿو سمجهان ته مون کي ڪجهه چوڻ جي گنجائش رهي آهي.

وڏي وزير چيو ته 2009ع ۾ سنڌ جي ان وقت جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ”يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام“ ٻن ضلعن شڪارپور ۽ ڪشمور ۾ شروع ڪيو هو، جيڪو وقت سان گڏ پوري صوبي ۾ شروع ڪيو ويو. هن چيو ته هن پروگرام جا نتيجا ۽ ڪاميابيون اوهان جي سامهون آهن. هي سڀ اُهي عورتون آهن جيڪي 2009ع کان اڳ گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو تصور ئي نه ڪري سگهنديون هيون ۽ اڄ اُهي عورتون اسٽيج تي اچي تقريرون ڪري پنهنجون ڪهاڻيون ۽ سُڌاريل معاشي حالتون اوهان ۽ اسان سيني کي ٻُڌائي رهيون آهن بلڪ پنهنجي پوري خاندان کي معاشي طورتي هلائي رهيون آهن ۽ ڏينهون ڏينهن مستحڪم ٿي رهيون آهن.

هن چيو ته اُهو ڏينهن پري ناهي جنهن ڏينهن اوهان سنڌ جي ڪنهن به علائقي ۾ ڪنهن به يونين ڪائونسل ۾ ويندا ته اتي اوهان کي ائين ئي پراعتماد ۽ ڪاميابيءَ جي جذبي سان سرشار عورتون ملنديون ۽ اوهان سان ڳالهائينديون.

هن وڌيڪ چيو ته اسان جي ليڊر شهيد محترمه بينظير ڀٽو ته اسان کان کسِي وئي پر اڄ ڏسي احساس ٿئي ٿو ته هر گهر ۾ اسان جي ليڊر اسان جي اڳواڻ محترمه بينظير ڀٽو موجود آهي. پنڊال ۾ ويٺل عورتن کي وڏي وزير يقين ڏياريو ته وفاقي حڪومت جي عدم تعاون باوجود، سنڌ حڪومت اِهو پروگرام جاري رکندي، اِهو چئي هن سيني جا ٿورا مڃي پنهنجي جاءِ ورتي.

سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه پنهنجي خطاب ۾ منظم عورتن جي ڳالهائيندي چيو ته اڄ توهان پنهنجن تقريرن ذريعي ڪمال ڪري ڇڏيو آهي، چڱا ڀلا ماڻهو ايئن پنهنجو موقف ٻڌائي ناهن سگهندا جيئن توهان پنهنجي ڪيل سرگرمين کي سڀني جي سامهون پيش ڪيو آهي، توهان کي جَسُ هجي جو توهان پري پري کان هتي آيون آهيو.




سيد قائم علي شاهه چيو ته اسان کي فخر آهي ته اسان جي سنڌ جون نياڻيون هاڻي پنهنجن مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪري رهيون آهن ۽ پاڻ مڃائي رهيون آهن. پنهنجي حق، انصاف ۽ بنيادي سهولتن لاءِ آواز اُٿاري رهيون آهن ۽ پنهنجين ئي ڪوشش سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي تعاون سان حل ڪري رهيون آهن. هن چيو ته توهان جي ذريعي مان دنيا کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته سنڌ جون عورتون ڪنهن کان گهٽ ناهن. هن عورتن کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان جيڪي به اميدون بلاول ڀٽو زرداري مان رکو ٿيون انشاءالله اُهي سڀئي اميدون اوهان جون پوريون ٿينديون.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي تقرير ۾ آيل سڀني مهمانن کي ڀليڪار ڪندي پروگرام جي مقصد کان سڀني کي آگاهه ڪيو ۽ چيو ته اسان سنڌ حڪومت خاص طور تي محترم بلاول ڀٽو زرداري چيئرمين پيپلز پارٽي، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جن جا ٿورائتا آهيون جن هرقدم تي اسان جي رهنمائي ڪئي آهي، اسان تي ڀروسو ڪندي اسان کي هڪ نئون اُتساهه ڏنو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هي سڀئي ڪاميابيون ممڪن بڻجي اوهان سڀني جي سامهون آيون آهن.



هن چيو ته سيد قائم علي شاهه جي وڏ وزارت دؤران يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جي پروگرام جي شروعات ڪئي وئي. جنهن کان پوءِ سندس جي ڪوشش سان اِهوئي پروگرام يورپين يونين ساڳئي نوعيت جي پروگرام لاءِ فنڊنگ ڪئي ۽ سنڌ جي وڌيڪ 8 ضلعن تائين هن پروگرام کي وڌايو ويو. جنهن کان پوءِ عوام جي سطح تي غربت گهٽ ڪرڻ وارو پروگرام (PPRP) سنڌ جي ڇهن ضلعن خيرپور، سانگهڙ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، بدين، ٺٽو ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي منظوري کان پوءِ شروع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سرسو پاران 11 لک گهراڻن جو باقاعده سروي ڪيو ويو، انگ اکر گڏ ڪري معلومات ورتي وئي، جنهن ۾ غربت کان وٺي اُنان جي ٻارڙن جي صحت، اسڪول وڃڻ يا نه وڃڻ کان وٺي باقاعده اُنان جي عورتن جي معاشي حالت جو جائزو ورتو ويو. سندن وٽ مال مويشي ۽ رهڻي ڪهڻي کي بنياد بڻائي منصوبي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هن چيو تہ PPRP پروگرام تحت سرسو کي 8 لک گهراڻن کي منظم ڪرڻو آهي جنهن لاءِ صرف ہہ سال گذريا آهن جنهن ۾ ڪافي تيزيءَ سان ڪم هلي رهيو آهي ۽ سرسو نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري رهيو آهي، هن وقت تائين سرسو چار لک گهراڻن کي منظم ڪري چُڪي آهي.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪندي چيو تہ ايندڙ سال 2020ع جي جنوري مهيني ۾ اسان کي پنهنجو قيمتي ٽائيم ڏين تہ جيئن اهڙوئي هڪ شاندار پروگرام اسان حيدرآباد ۾ ڪري سگهون جنهن ۾ توهان خود اُتان جي عورتن سان ملي حال احوال ڪري سندن صورتحال کان آگاهہ ٿي سگهو ٿا ۽ ڏسي سگهو ٿا تہ هي پروگرام ڪيترو نہ ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي، جنهن مان غريب عورتون فائدو حاصل ڪري رهيون آهن.

هڪ دفعو وري مهمانن جا ٿورا مڃيندي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر چيو تہ سکر ايڊمنسٽريشن ۽ سکر ميونسپل ايڊمنسٽريشن جا بہ ٿورائتا آهيون جن اڄوڪو ميڙاڪو ترتيب ڏيڻ ۾ مڪمل ساٿ ڏنو.

ان کان اڳ بلاول ڀٽو زرداري سرسو پاران لڳايل مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو، معلومات ورتي ۽ سرهائي محسوس ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت سرسو جي هرقدم تي ساٿ آهي ۽ هرممڪن مدد لاءِ هروقت تيار آهي.

پنڊال ۾ پهچڻ بعد جناب چيئرمين بلاول ڀٽو جو اُتي ويهي شاندار آجيان ڪئي وئي اجرڪ ٽوپي ۽ هٿ جي ٺهيل نمونن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.













# تعلقہ ڪوٽڏجيءَ ۾ انتظامي سرگرم ڪارڪنن جي گڏجاڻي

فوزيہ سولنگي
يونٽ انچارج - ڪوٽڏجي.

عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Programme) يونين ڪائونسل فتح پور، تعلقہ ڪوٽڏجي ضلعي خيرپور ۾ سرگرم ڪارڪنن جي گڏجاڻي ڳوٺ محمد هاشم ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ، پروگرام مئنيجمينٽ يونٽ (PMU) جو پروگرام ڪوآرڊينٽر محترم رياض علي عباسي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محترم رياض حسين وساڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر محترم مشتاق سومرو، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر محترم غلام رضا پناڻ، وٽنري آفيسر نظير ميربحر، پوليو DPCR آفيسر محترم راجيش ڪمار، سرسو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، ٽيم ليڊر- سرسو (PPRP) غلام رسول سميجو، ضلعي مئنيجر- سرسو خادم حسين شر، يونين ڪائونسل مان آيل پاڙي، ڳوناٽي ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز COs/VOs/LSOs جي منظم عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.




پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي، تنهن بعد آيل مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. انهيءَ کان پوءِ باقاعده پروگرام جو آغاز ڪيو ويو ۽ مختلف ڳوٺن کان آيل منظم ۽ اڳواڻ عورتن سرسو ۽ حڪومت سنڌ پاران هلندڙ پروگرام PPRP مان حاصل ڪيل فائدا جنهن ۾ ڳوناٽي سطح تي سيڙپڪاري فنڊ (CIF)، آمدني وڌائڻ واري امداد (IGG)، گهٽ قيمت وارا گهر (LCH) ۽ هنري سکيائن (VTP) مان حاصل ڪيل فائدن بابت آيل مهمانن ۽ پنڊال ۾ ويٺل عورتن کين تفصيل سان آگاهہ ڪيو ۽ تنظيمن جي عورتن جذبي ۽ جنون سان پنهنجي تنظيم جي ڪارڪردگي پيش ڪندي LSO روشني جي اڳواڻ شهربانو شر تقرير ڪندي چيو تہ اسان جي علائقي ۾ سرسو جي موبلائيزيشن ٽيم تمام بهترين ڪم ڪيا آهن، پهريان اسان عورتن کي



منظم ڪيائون، شروع ۾ ڳوٺ اندر اسان مٿان ايتري سختي هوندي هئي جو ٻاهر نڪري ٻہ نہ سگهنديون هيون سين. شهر وڃڻ لاءِ مردن ڪي منٿون ڪرڻيون پونديون هيون، جڏهن ڪان سرسو جو هي پروگرام آيو، اسان جي ڳوٺ ۾ پهريان تہ اجازت نہ هئي پر جڏهن ٽيم اسان جي مردن کي اها ڳالهہ سمجهائي تہ هي پروگرام سرسو ۽ حڪومت سنڌ صرف عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ شروع ڪيو آهي ۽ اسان کي صرف عورتن سان ئي ڪم ڪرڻو آهي. اسان کي خبر ٻہ پئي تہ اسان ٻہ انسان آهيون ۽ اسان جا ٻہ ڪي حق آهن. پوءِ اسان سرسو جي ٽيم سان گڏجي مردن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي جنهن ۾ مون سان تہ منهنجي مڙس تمام گهڻو ساٿ ڏنو، پوءِ مان ڪجهہ عورتن کي گڏ ڪري غريب عورتن لاءِ ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. پهريان تہ ٿوري گهڻي تڪليف ٿي ماڻهن جا رويا، طعنا ۽ مهڻا ٻہ برداشت ڪرڻا پيا. پر مون پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هوتہ پنهنجي لاءِ ۽ غريب عورتن لاءِ ڪجهہ ڪرڻو آهي ۽ الله جو شڪر آهي ڪري ڏيکاريوسين. اڄ اوهان جي سامهون هيڏي وڏي پنڊال ۾ بيهي پنهنجي تنظيم جي ڪارڪردگي ٻڌائي رهي آهيان. مان شڪرگذار آهيان حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي جنهن اسان جو ساٿ ڏنو ۽ اسان هن وقت پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيون.







شگفتہ سولنگي صدر LSO ”وڏا ماڇيون“ پنهنجي تنظيم جي ڪارڪردگي پيش ڪئي ۽ چيو تہ جڏهن تنظيمن ٺاهڻ جو سلسلو جڙيو پئي تہ اسان عورتن ملي ڪري تنظيمون جوڙيون سين، ان دوران اسان کي ڪافي مشڪلاتون پيش آيون، ڇوتہ هتي عورتن جي ٻاهر نڪرڻ تي پابندي هُئي، ڳوٺ وارا غلط سمجهندا هئا، انهيءَ سموري عمل ۾ مون سان پنهنجي بابا تمام گهڻو ساٿ ڏنو. ڇوتہ بابا کي اها خبر هئي تہ سرسو ٽيم عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري پئي. مون پنهنجي ڳوٺ جون عورتون گڏ ڪيون، مردن کي سرسو جي گڏجاڻين ۾ سمجهايو ٽيم جي مسلسل رهنمائي سان اسان ڳوٺ ۾ تنظيمون جوڙيون تڪليفون تہ آيون پر همٿ نہ هاري سين. حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي هن ”عوام جي غربت گهٽايو پروگرام“ ۾ اڄ اوهان جي اڳيان فخر سان تنظيم جي ڪارڪردگي ۽ پنهنجي جاکوڙ ۽ ڪيل ڪم ٻڌائي رهي آهيان. پهريان تہ روايتي عورتن جيان گهرن جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف هونديون هيون سين. پر هاڻ حڪومت سنڌ جي هن پروگرام اچڻ سان اسان جو اعتماد وڌيو آهي اسان جي علائقي جي ٻين عورتن ۾ ٻہ سجاڳي آئي آهي. نتيجتاً هو حڪومت سنڌ جي هن پروگرام مان مليل ڀناوياج جي قرض، امداد کي ننڍن ننڍن ڪاروبارن ۾ استعمال ڪري گهر جي آمدنيءَ ۾ اضافو ڪيو آهي.



اڳواڻ عورتن جو تقريرون ٻڌڻ کان پوءِ آيل مهمانن سندن جي جاکوڙ ۽ حڪومت سنڌ جي هن پروگرام جي ساراهہ ڪئي ۽ کين ڀرپور دادُ ڏنو.

انهيءَ موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر رياض حسين وساڻ عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو تہ مان پاڻ هڪ پڙهيل ماءُ جو پٽ

آهيان. پر مان ماءُ جي دعائن ۽ شفقت سان سخت محنت ڪئي ۽ اڄ هن مقام تي پهتو آهيان. توهان ٻه پنهنجي اولاد کي پڙهايو ۽ کين سمجهايو تہ هو محنت ڪن، دل لڳائي پڙهن ۽ پنهنجي ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن. حڪومت سنڌ ۽ سرسو اوهان سان گڏ آهي. توهان جي همٿ ۽ حوصلي کي ڏسي اهو يقين ٿي ويو آهي تہ سرسو پنهنجو فرض نڀائي رهي آهي. انهيءَ جو ثبوت توهان عورتن جو هتي هجڻ ۽ تقريرون ڪرڻ آهي. سرسو جي سرواڻ ۽ سندس ٽيم کي جسُ هجي جيڪي پنهنجو فرض پوري ايمانداريءَ سان نڀائي رهيا آهن.




سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، آيل معزز مهمانن کي ڀليڪار ڪندي پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ سرسو جو ڪم اوهان جي سامهون آهي، اسان جي اها هميشہ ڪوشش رهي آهي تہ غريب عورتن کي منظم ڪري کين هنري تربيتون ڏئي ان لائق بڻائجي تہ جيئن هو پنهنجي گهريلو سطح تي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن ۽ ڪنهن جون محتاج نہ ٿين. توهان منظم ٿيون آهيو تہ اڄ هتي ضلعي جا بالا آفيسر جنهن ۾ صحت، مال مويشي، زراعت، ضلعي انتظاميا، يو.سي چيئرمين ۽ ٻيا معزز ماڻهو توهان سان گڏ وينا آهن. اهو توهان جي منظم هجڻ ۽ ٻڌيءَ جو ثبوت آهي ۽ سنڌ حڪومت جو ٿورو آهي جو اوهان کي هي پليٽ فارم مهيا ڪيو آهي. اميد آهي تہ هن پروگرام ۾ مان توهان ڀرپور فائدو حاصل ڪنديون ۽ فراهم ڪيل سيڪا ۽ بناوياج جي قرض ۽ امداد کي صحيح طرح استعمال ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي ڪفالت ڪندا، جيڪو سرسو ۽ سنڌ حڪومت جو خواب آهي.

پروگرام ڪوآرڊينيٽر محترم رياض علي عباسي منظم عورتن جي واکاڻ ڪندي چيو تہ اڳ ۾ مون کي ڪوڙا سارا خدشا هئا تہ سرسو وارا صرف انگن اکرن جي راند ڪن پيا. پر اڄ هن ميڙاڪي ۽ عورتن جي تقريرن کي ٻڌي مون کي اعتماد مليو آهي تہ هن انقلاب جي شروعات سنڌ حڪومت ڪئي آهي ۽ اها ان وقت تائين جاري رهندي جيستائين گهرو سطح تائين غربت گهٽ نہ ٿيندي. هن چيو تہ سنڌ حڪومت جي هن پروگرام کي توهان عورتن حوالي ڪيو آهي، جنهن ۾ توهان کي ذميواري سان پنهنجو فرض نڀائڻو آهي، هن پروگرام مان لاڀ حاصل ڪرڻو آهي. توهان پاڻ ٿورو قدم وڌائيندا تہ سرسو ۽ حڪومت سنڌ توهان سان هرقدم تي گڏ آهي.

ان بعد عورتن ۾ سکيا جا سرٽيفڪيٽ، CIF ۽ IGG جا چيڪ پڻ ورهايا ويا. انهيءَ بعد پروگرام جي ٽيم ليڊر آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ پروگرام پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. پروگرام ختم ٿيڻ بعد پروگرام ڪوآرڊينيٽر ڳوٺ غلام رسول يونين ڪائونسل رسول آباد ۾ گهٽ لاڳت جي گهرن جو افتتاح پڻ ڪيو.





# ڳڳدام جانورن جي ڀلائيءَ وارو پروجيڪٽ

**سراج منير**
ڪميونٽي اينيمل هيلٿ آفيسر
سرسو ڊسٽرڪٽ آفيس روهڙي- سکر.

ڊورٿي بروڪ 1930ع ۾ دنيا جي لڳل عالمي جنگ جي دوري دوران زخمي ٿيل جانور ڏٺا ته هوءَ انتهائي ڏکاري ۽ مايوس ٿي وئي. ان عالمي جنگ ۾ فوج گڏهه گهوڙن ۽ خچرن تي ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ اسلحو ڍوئي رهي هئي. اهڙي سخت پورهئي لاءِ ڏينهن رات جانورن کان ڪم ورتو پئي ويو. ڇاڪاڻ ته جنگ جو ماحول هو هرڪو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پريشان هو.

ڊورٿي بروڪ کي زخمي گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن تي ڏاڍي ڪهل آئي. هن اخبار ۾ چندو گڏ ڪرڻ لاءِ اشتهار ڇپرايو. چندي جمع ٿيڻ بعد هن رحمدل عورت هڪدم وٽرنري ڊاڪٽر پرٿي ڪيا ۽ مخير ۽ نرم دل ماڻهن تي مشتمل هڪ نگهبان ڪميٽي ناهي. جنهن زخمن سان چُور جانورن جو علاج ڪرڻ شروع ڪيو.

زخمي ۽ بيمار جانور نيڪ ٿيڻ لڳا، اهڙا نتيجا ڏسي ڊوڙتي بروڪ کي انتهائي خوشي ٿي ۽ ڪيس دلي سُڪون محسوس ٿيڻ لڳو. هن رحمدل عورت 1934ع ۾ ”اولڊ ميموريل اسپتال“ قائم ڪئي. جتي قائره (مصر) جي گهوڙن، گڏهن ۽ خچرن جو مفت علاج ڪيو ويندو هو. ان بعد دي بروڪ اسپتال براءِ حيوانات جو قيام وڌو ويو.

هي ادارو پاڪستان، افغانستان، مصر، هندوستان، اردن، ڪينيا، نيپال، گوئٽي مالا، نڪاراگئا، اٿوپيا، آفريڪا وغيره ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ گڏهه، گهوڙن ۽ خچرن جو نه صرف مفت علاج ڪرائي ٿو پر انهن جي بهتري لاءِ هڪ جامع رٿابنديءَ هيٺ وسيع ترين پروگرام هلائي رهيو آهي.

2009ع ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان هن اداري سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ معاهدي تي صحيح ڪئي. اهو ڪم اڄ بروڪ ۽ سرسو پنجن ضلعن تائين ڦهلايو آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻو، قمبر- شهدادڪوٽ، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ سکر ضلعا شامل آهن.

هن پروگرام تحت هڪ گشتي دواخاني وسيلي زخمي جانورن جو علاج معالج ڪيو وڃي ٿو. گهوڙا گڏهه ۽ خچر پاليندڙ ماڻهن تي مشتمل Equine Owner Community ناهي وڃي ٿي جنهن ۾ ويهه کان پنجويهه ماڻهو شامل هوندا آهن. اهڙن ماڻهن جي تربيت جا پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن ته جيئن ګاڏا ګهليندڙ ۽ وزن ڪڍندڙ جانورن





جو خود صحيح خيال رکي سگهن. جانورن جي ڪاڌ خوراڪ ۽ پاڻي تي ڌيان ڌري سگهن، ان ڏس ۾ عورتن کي پڻ تربيت ڏني ويندي آهي. مختلف هنڌن تان بار ڍوئيندڙ جانورن جو گذر ٿيندو آهي، ڪو مناسب هنڌ ڏسي اتي پاڻي پيئڻ جا حوض ٺهرايا ويندا آهن ۽ جانورن کي ڇانوَ ۾ ويهارڻ لاءِ ڇپرا پڻ ٺهرايا ويندا آهن.

اڪثر جانورن ۾ خراب سنج ۽ لغام رکڻ ڪري زخم ڏنا ويا آهن يا وري غلط نال پيرن ۾ نوڪڻ ڪري به زخم ۽ سور پيدا ٿيندو آهي. اهڙن سنج ناهڻ وارن موچين ۽ نال بندن جون تربيتون پڻ ڪرايون وينديون آهن ته جيئن هو نال ۽ سنج سنا ناهن ته جيئن جانورن ۾ زخم پيدا نه ٿين.

پرائمري سطح تي اسڪولي ٻارن جا سيشن پڻ منعقد ڪرايا ويندا آهن ته جيئن ننڍپڻ کان ئي ٻارن جي ذهن ۾ گگدام جانورن جي لاءِ رحم پيدا ڪري سگهجي. جڏهن هو وڏا ٿين ته جانورن جي فلاح لاءِ پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪري سگهن. گڏوگڏ معلوماتي مواد پڻ ورهايو ويندو آهي، سرڪار جا وٽرنري ڊاڪٽر، جانورن جو پرائيويٽ علاج ڪندڙ ڊاڪٽر پڻ تربيتن ۾ شامل ڪيا ويندا آهن.

## پروجيڪٽ ۾ ڪيل ڪم جو وچور

| نمبر | ڪيل ڪم جو نالو | سکر ۽ شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد | قمبر ـ شهدادڪوٽ | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | ريفرل سسٽم تحت توسيعي مواد | 10 | 6 | 3 | ـ | 19 |
| 2 | نيون تربيتون | 7 | 6 | 3 | - | 16 |
| 3 | فالواپ تربيتون | 9 | 7 | - | - | 16 |
| 4 | ڳانڍاپو ڪرائڻ Linkages | 11 | 11 | 3 | - | 25 |
| 5 | لائيواسٽاڪ، اينيمل پروڊڪشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر، وٽنري ڊاڪٽر ۽ اسٽورڪيپر سان گڏجاڻيون. | 1 | 1 | 1 | - | 3 |
| 6 | هنگامي بنيادن تي جانورن ڪي ڏنل علاج | 37 | 29 | 25 | 25 | 113 |
| 7 | جاڳرتا گڏجاڻيون | 48 | 60 | 60 | 96 | 264 |
| 8 | عورتن سان جاڳرتا گڏجاڻيون | 10 | 4 | 5 | - | 19 |
| 9 | اسڪولي شاگردن ڪي جاڳرتا | 1 | 1 | 1 | - | 3 |
| 10 | صحتمند جانورن جا مقابلا | 1 | - | - | - | 1 |
| 11 | پتلي تماشي ذريعي جاڳرتا مهم | 1 | - | - | - | 1 |
| 12 | جانورن بابت احساس ڏيارڻ جون تربيتون. | 10 | 12 | 5 | - | 27 |
| 13 | ٻنن مالڪن جي حوصلاافزائي، جانورن لاءِ حوض، چيرا ۽ علاج معالج لاءِ اپاءَ | 8 | 9 | 5 | | 22 |
| 14 | رضاڪارن جون تربيتون | 5 | 7 | - | - | 12 |
| 15 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 1 | 1 | 1 | - | 3 |
| 16 | عورتن ڪي زرعي ۽ جانورن جي سارسنڀال بابت تربيتون | 1 | 1 | 1 | - | 3 |
| 17 | ڪيس اسٽڊيز | 1 | 1 | 1 | - | 3 |
| 18 | تنظيم جي متاسنا وارو پروگرام | 1 | 1 | 1 | - | 3 |
| 19 | ماهانه ۽ ماهي سالانه جائزه گڏجاڻيون | 4 | 4 | 4 | - | 12 |
| 20 | نگراني Monitoring | 63 | 58 | 15 | - | 136 |

*

# ”سرتيون سنگ“ ڪرافٽس ميلو

ثريا آغا
پروڊڪشن انچارج CED سيڪٽر

سنڌ جي مختلف حصن ۾ اڄ بہ عورتون هزارين سال پراڻين ريتن ۽ رسمن تحت پنهنجي زندگي گذاري رهيون آهن، سرسو جي انهن عورتن خاص طور تي ٻهراڙي جي عورتن کي پاڻمرادو خودشناسي طرف راغب ڪري ٿو. پراڻين رسمن ۽ روايتن کان هٽي ڪري ڪين خوشحالي ڏانهن آڻي ٿو. سنڌ جون عورتون هاڻي پنهنجي ذات ۽ پنهنجي مستقبل جا فيصلا گهڻي قدر پاڻ ڪن ٿيون. پنهنجن ڪان وٺي پنهنجي ڳوٺ داريءَ جا مسئلا پاڻ حل ڪن ٿيون ۽ اِهي ئي اُهي ڪردار آهن جن کي شاهہ عبدلطيف ڀٽائي رح پنهنجي شاعريءَ ۾ ”نوري، سَسُئي، مومل ۽ مارئي“ جي صورت ۾ داستانَ لکي ڪين امر ڪري ڇڏيو آهي.

سرتيون سنگ ڪرافٽس ميلو جي ها، سُئيءَ ۽ ڌاڳي سان نهيل هٿ جي هنر جو ٽِن ڏينهن وارو ميلو. جڏهن اوشين مال ڪلفٽن ڪراچي ۾ 4 کان 6 جنوري 2019ع تي لڳايو ويو تہ ڏسندڙ تمام گهڻو خوش ٿيا. چوتہ چوڌس سنڌ جي ثقافت جا رنگ نکري پيا، شيشن سان نهيل پرت، رِلي، ڪجيءَ جي ڦرهن / پنن مان نهيل ٽوڪرا، شوپيس، پنڊيون، جهومر، هار، ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ ڪاريگر عورتن جي هٿن جا نهيل شاهڪار جيڪي سندن جي محنت جو پاڻ مرادو ثبوت پيش ڪري رهيون هيون جهڙوڪ: پاڻ ڳالهائينديون هجن.

ميلي جو افتتاح سنڌ جي وڏي وزير سيد مُراد علي شاهہ ڪيو. جنهن ميلي ۾ سجايل هرهڪ اسٽال جو جائزو ورتو ۽ هرهڪ ڪاريگر عورت سان سندن ڪيل ڪاوشن ۽ هٿ جي ڪاريگريءَ بابت حال احوال ورتو ڪان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو تہ هي هڪ شاندار ۽ بهترين قدم آهي جيڪو حڪومت سنڌ - سرسو سان گڏجي شروع ڪيو آهي، جنهن جو مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت کي گهٽ ڪرڻ آهي.



وڏي وزير چيو تہ خاص طور تي عورتن کي معاشري ۾ برابري جي بنياد تي شرڪتدار بڻائڻ، ڪين پنهنجي هنر کي ڪراچيءَ جي وڏين مارڪيٽن تائين پهچائڻ ۾ سرسو ۽ سنڌ حڪومت قابلِ تعريف ڪم ڪيو آهي. هن چيو تہ

جيتوڻيڪ ڳوٺاڻيون عورتون هنر ۾ ڀاڳيون آهن پر انهن کي پنهنجون شيون وڪرو ڪرڻ لاءِ نه مارڪيٽ ملندي آهي نه ڪين طريقو هوندو آهي، اهڙين غريب ۽ هنرمند عورتن جي هنر کي شهر تائين رسائي ڏيارڻ پڻ اهڙين نمائشن جو مقصد هوندو آهي.



وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو چوڻ هيو ته دستڪاري ۽ فني شيون مختلف ثقافتن وچ ۾ محبت پيدا ڪرڻ ۽ هم آهنگي جو پڻ ذريعو هونديون آهن. حڪومت سنڌ ۽ سرسو غربت کي گهٽائڻ وارن پروگرامن سان گڏوگڏ ٻهراڙين جي عورتن کي مختلف هنري تربيتون ڏيارڻ ۾ پوئتي نه هٽندي.

ان موقعي تي سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ شيرين مصطفيٰ ناريجو، رٽا ۽ ترقي واري بورڊ (P&D) جو چيئرمين محمد وسيم ۽ ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا. ان دوران وڏي وزير ميڊيا جي هڪ وڏي انگ پاران پڇيل سياسي سوالن جا جواب پڻ ڏنا.

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، سنڌ جي وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سرسو پاران هي لڳاتار ڇهون سرتيون سنگ ڪرافٽس ايگزيبيشن آهي، جنهن ذريعي ثقافتي شين کي هٽي ڏيارڻ سان گڏ، عورتن جي دستڪاري کي وسيع ڪرڻ ۽ انهن جي آمدني ۾ اضافو ڪرڻ شامل آهي.



سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي سنڌي ۽ اردو چئنلن جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي مختلف ضلعن جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، خيرپور، شڪارپور، ڪشمور - ڪنڌڪوٽ، قمبر - شهدادڪوٽ، بدين، عمرڪوٽ ۽ ٻين ضلعن سان واسطو رکندڙ 3,545 عورت ڪاريگرن جي هٿ جو ٺهيل شيون هِن نمائش ۾ رکيون ويون آهن. هن ٻڌايو ته سرتيون سنگ ڪرافٽس نمائش جو مقصد سنڌ جي ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ عورتن جي آمدني ۾ اضافو ڪرڻ آهي، هن ٻڌايو ته سرسو 12,000 کان وڌيڪ عورتن کي تربيتون فراهم ڪيون آهن ته جيئن عورتون پنهنجي هنري ڪاريگريءَ مان وڌ کان وڌ مالي فائدو حاصل ڪري سگهن.

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو وڌيڪ چوڻ هو ته سرتيون سنگ نمائش جو هڪ مقصد اهو به آهي ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ انهن غريب عورت ڪاريگرن کي وڏين مارڪيٽن تائين پهچائڻ آهي ته جيئن هو پنهنجي هٿ سان ناهيل سامان کي سٺوسنئون وڪرو ڪري سُٺو ناڻو ڪمائي سگهن.

ان موقعي تي سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ شيرين مصطفيٰ ناريجو جو چوڻ هو ته ٻهراڙيءَ جي عورتن جي صلاحيتن ۾ اضافي سان گڏوگڏ سرسو عورتن ۾ اعتماد، يقين ۽ ڀروسو جهڙي طرح پيدا ڪيو ويو آهي ان جو



مثال ورلي کو ملي ٿو. هٿ جي نهيل شين جي واڪاڻ ڪندي هن ٻڌايو ته ڳوٺاڻي سطح تي تنظيم سازي ذريعي انهن عورتن کي باقاعده منظم ڪري کين تربيتون ڏنيون ويون آهن ته جيئن هو بنيادي طور تي پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪن ۽ اڄ اِهي توهان ۽ اسان جي سامهون سنڌ جي وڏين مارڪيٽن ۾ اچي پنهنجون شيون پاڻ وڪرو ڪري رهيون آهن.

نمائش ۾ عورتن جي هٿ جي هنر ۽ ڪاريگري جي نمائش لاءِ ٽن ڏينهن جي ميلي ۾ رليون، موڙا، گج، بيڊشيٽون، ڪپڙا، اجرڪ سان تيار ٿيل مختلف هنري نمونا، رِوا، قميصون، ڪشن ڪور، بيگ ۽ ٻيون انيڪ شيون وڪري لاءِ سجايون ويون جتي ملڪي ۽ غيرملڪي عورتن ۽ مردن گهري دلچسپي ورتي ان ڳالهه جو زور ڀريو ۽ چيو ته اهڙي قسم جون نمائشون مسلسل ٿيڻ گهرجن جنهن سان نه صرف ثقافت کي هٿي ملندي ۽ اسان کي هٿي اهڙيون ته ناياب شيون خريد ڪرڻ لاءِ ملن ٿيون جيڪي پوري ڪراچيءَ ۾ هڪ جاءِ تي آسانيءَ سان ۽ بلڪل مناسب قيمت تي نٿيون ملي سگهن.



نمائش جو دؤرو ڪندي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ناهيد شاهه دراني چيو ته اهڙي قسم جا پليٽ فارم عورتن لاءِ مؤثر ۽ بهترين ثابت ٿيندا آهن جنهن سان انهن کي نه رڳو سُٺو معاوضو ملي ٿو بلڪ ان سان گڏوگڏ معيشت ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سرسو جو ”سرتيون سنگ“ عورت ڪاريگرن جي هٿ جي ڪمال کي اجان به نکاري ٿو ڇڏي، شهري علائقن جي وڏين مارڪيٽن ۾ هي ڀهراڙي جون عورتون پنهنجون شيون وڪرو ڪن ٿيون، خريدارن سان ملن ٿيون انهن سان ڳالهائين ٿيون جنهن سان انهن جي ڪاريگري اجان به پختي ٿئي ٿي، کين حوصلو ملي ٿو ۽ هڪ نئين طاقت ملي ٿي جنهن سان انهن جي خيالن ۽ سکڻ واري ڪم ۾ پڻ نمايان مهارت ظاهر ٿي ٿئي.



نمائش ۾ شريڪ خريدار عورتن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هتي اچي انهن رنگن سان دليون رنگجي ويون آهن، قيمتن جي حوالي سان سندن چوڻ هو ته سامان جي مناسب قيمت رکي وئي آهي، اهڙا ميلا ڇهه ماهي بجاءِ هر مهيني لڳايا وڃن ڇو ته اسان ڪراچي واسين کي هن نمائش مان خريداري ڪرڻ جو بيحد انتظار رهندو آهي. ڪجهه عورتن جو چوڻ هو ته ڪپڙن ۾ استعمال ٿيندڙ سامان وچولي طبقي کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيو ويو آهي، جنهن سبب خريداري ۾ ڪابه ڏکيائي نه

پئي ٿي سيني کي پنهنجي خواهش ۽ پسند مطابق سامان آسانيءَ سان ملي رهيو آهي.

ميلي ۾ موجود صوفي موسيقي ۾ علڻ فقير جي پاءُ رضا علڻ شرڪت ڪندڙن کي ڪلام ٻڌائي بيحد داد حاصل ڪيو. جڏهن ته مرڪزي دروازي تي بيٺل فنڪار پنهنجي روايتي لباس ۾ مٽڪا مٿي تي کڻي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهيا ۽ هر ايندڙ ويندڙ لطف اندوز ٿيندا رهيا.



آمريڪا ۾ رهندڙ پنو عاقل واسي رضيه ڪلوڙ پڻ هن ميلي ۾ شريڪ ٿي، سندس چوڻ هو ته هنرمند عورتن جا هٿ سونَ جا ٺهيل هٿ آهن، سنڌي ڪاريگري ڪمال جي آهي، قدر واري هنن جي هٿن ۾ وڏي مهارت رکي آهي. ٻلي ڳالهه اها ته انهن جي ڪم کي هٿي ونرائڻ لاءِ سرسو جنهن شانائتي جذبي سان مسلسل اهڙا نمائشي پروگرام ترتيب ڏئي رهي آهي ان جو مثال تمام گهٽ ملي ٿو. اِن ميڊيا ذريعي عوام خاص طورتي ڪراچي واسين کي اپيل ڪئي ته پنهنجي گهرن مان نڪري هتي اچي خريداري ڪيو ته جيئن ڀهراڙيءَ جي هنن عورتن جي حوصلاافزائي به ٿئي، ناڻو به ڪمائي سگهن ۽ ثقافتي شين کي فروغ پڻ ملي سگهي.

سرتيون سنگ ميلي کي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٽيليويزن چينلن ڀرپور ڪوريج ڏيندا رهيا جڏهن ته سنڌ ٽي.وي جي مشهور پروگرام ”سلام سنڌ“ ۾ ٻه ڪلاڪ سڌوسنئون لائيو نشريات ٿيندي رهي جنهن ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو خصوصي طور تي شرڪت ڪئي جنهن ۾ ثمينه برڪت علي، ثريا آغا ۽ هنرمند ڪاريگر عورتون پڻ شريڪ ٿيون.

ٽن ڏينهن جي هن نمائش کي جن ٽيليويزن چئنلن ڀرپور ڪَورَ ڪيو اُن ۾ ڊان ٽي وي، سي اين اين، سنڌ ٽي وي، سما ٽي وي، اي آر واءِ نيوز، اب تڪ، پي ٽي وي، جيو، 92 نيوز ٽي وي، مهراڻ، ڌرتي، جي نيوز، پبلڪ نيوز، نيوز 1 ٽي وي، ايڪسپريس ٽي وي ۽ ڪوه نور شامل هئا. جڏهن ته ڏيهي ۽ پرڏيهي انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارن ۾ پڻ نمائش کي خاص ڪوريج ڏني وئي.



# سرسو ٻٽايو ڏَڱ جو ڏٽي

**لالڻ ڏهر**
متحرڪ ڪارڪن خوشحال نيٽ ورڪ
تعلقہ لکي ضلع شڪارپور.

سومراٽي شريف يونين ڪائونسل رستم تعلقہ لکي جو اهو ڳوٺ آهي جيڪو پوري سنڌ ۾ نہ پر پوري پاڪستان ۾ مشهور آهي. مشهور انهيءَ ڪري آهي جو هتي بزرگ هستيون رهن ٿيون، ۽ مذهبي حوالي سان پوري ملڪ ۾ هزارين ماڻهو هِتان درگاهہ ”سومراٽي شريف“ جا مريد آهن.

هي مذهبي ڳوٺ هجڻ جي باوجود سرسو جي ٽيم هتي گهڻي محنت ڪئي آهي جو هِتي عورتن جي ڀلائي بابت بناوياج واري قرض جو پروگرام شروع ڪرايو ويو آهي.

جڏهن 2009ع ۾ سرسو جي ٽيم هتي آئي تہ سرسو جي ٽيم ڪي هتي عورتن بابت گڏجاڻي ڪوٺائڻ جي ڳالهہ بہ ڏاڍي ڏکي پئي لڳي جو هتان جا مرد مذهبي ماڻهو هئڻ ڪري، اهڙي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا جو ڪٿي عورتن جي گڏجاڻي ڪوٺائي سگهجي.

اهڙي صورتحال باوجود مسمات سَسُئي همٿ ڪري پنهنجي مڙس قمرالدين کي انهيءَ ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ عورت بہ هن دنيا ۾ رهي ٿي، هن جي ڀلائيءَ لاءِ بہ اسان کي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي. عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ سرسو ادارو دروازي تي هلي آيو آهي، ڀلائيءَ جو ڪم آهي، اسان تہ هنن ڏانهن ڪونہ ويون آهيون هو اسان جي ڀلائيءَ لاءِ اسان جي دروازي تي آيا آهن.

وڏي محنت ۽ ڪوشش ڪان پوءِ مسمات سَسُئي ڳوٺ جون ڪجهہ عورتون ملائي پاڙي سطح جي تنظيم (Community Organization) ”بينظير“ نهرائي جنهن ۾ ڪيس صدر چونڊيو ويو ۽ ڪجهہ عرصي بعد جڏهن ڀلائيءَ جي ڪم جي شروعات ٿي تہ عورتن وڌيڪ شموليت اختيار ڪئي ۽ پوءِ ڳوناٽي تنظيم (Village Organization) ”سومراٽي“ جڙي ۽ ان ۾ ڪيس چيئرپرسن چونڊيو ويو.

مسمات سَسُئي اسان کي ٻڌايو تہ تنظيم ٺهڻ ڪان پوءِ ڪجهہ عرصو تہ ڪافي محنت ڪرڻي پئي جيستائين وڃي ڳوناٽين عورتن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي. پوءِ آهستہ آهستہ گڏجاڻيون ڪيون سين، سرسو ٽيم جي رهنمائي سان ڪجهہ عورتن سرسو ڪان تربيتون پڻ ورتيون، تنظيم جي بچت ٿيڻ لڳي، ڳوٺ جي غريب عورتن لاءِ ڀلائيءَ جا ڪم ٿيڻ لڳا تہ پوءِ اسان جي مردن بہ چيو تہ هي ڀلائيءَ جو ڪم آهي ۽ ٿيڻ گهرجي، اسان کي وڌيڪ همٿ ملي ۽ اسان ڀرپور نموني سان گڏجاڻيون ڪرڻ شروع ڪيون.

جڏهن سرسو وزير اعظم جو بنا وياج قرض (PM-IFL) ڏيڻ شروع ڪيو تہ غريب ميمبرن سان گڏ مان بہ قرض جو فارم ڀرايو، سوچيم تہ ڪجهہ پئسا ملي ويندا انهن کي بهتر استعمال ڪنديس تہ جيئن گهر جي آمدني بهتر ٿي سگهي. فارم ڀرڻ ڪان ڪجهہ عرصي بعد ٽيم آئي ۽ ضروري جانچ پڙتال ڪان پوءِ مون کي -/30,000 هزارن جو چيڪ مليو. مون پنهنجي مڙس سان صلاح مشورو ڪري انهن پئسن مان ٻہ ٻڪريون ورتيون ۽ انهن





جي پالنا شروع ڪئي.

مسمات سَسُئي ٻڌايو تہ جڏهن پئسن جي واپسي جو مُدو آيو تہ مون هڪ ٻڪري وڪڻي سمورو قرض واپس ڪيو ۽ هڪ ٻڪري منهنجي ذاتي ملڪيت ٿي پئي. اها ٻڪري جڏهن ڪجھ عرصي ڪان پوءِ ويامي تہ هن ٻہ ڦرڙا ڄڻا. ۽ مان ٿي ٻڪريون پالڻ شروع ڪيون، گڏوگڏ ٻچڙن لاءِ کير بہ ٿي پيو، ۽ مان غريب عورت مُلھ جي کير وٺڻ کان بچي ويس.

خوش ٿيندي هن ٻڌايو تہ ٽن سالن کان پوءِ مان پندرنهن ٻڪرين جي مالڪياڻي بڻجي وئي آهيان.

مسمات سَسُئي پنهنجا اڳ جا حالات ٻڌائيندي اُداس ٿي وئي ۽ چيائين تہ هرجاءِ تي غريب ماڻهو رهن ٿا، ڪجھ صفا غريب، ڪجھ ٿورا امير ۽ ڪي وري صفا امير، اسين صفا غريبن ۾ شامل هئاسين، ڏاڍا ڏکيا ڏينهن گذرندا هئا، زمين جو فصل ساليانو ٿيندو آهي ۽ اسان کي غريب سمجهي دوڪاندار سيڌو سامان اوڌر تي نہ ڏيندا هئا. اوڙي پاڙي مان ماني ڳيھو وٺي ٻچڙن جي پيٽ گذر پئي ڪيوسين. ڏکي وقت ۾ پلي کو پاتي بيمار بہ ٿي پوندو هو تہ پاڙي جو تہ ڇا پر ڳوٺ جو ڪوئي ماڻهو بہ پئسن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو هو. چوندا هئا تہ غريب مائي آهي پئسا ڪيئن واپس ڪندي.

پهريون ڀيرو جڏهن مان وزير اعظم جي بنا وياج جو فارم ڀريو تہ پاڙي وارن مون کي انهيءَ کان بہ روڪيو پئي تہ تون غريب آهين تون اهو قرض ڪيئن لاهيندينءَ، پريشان ٿيندين پر منهنجو ۽ منهنجي مڙس جو اهو منصوبو ٺهيل هوتہ پئسن مان اسان ٻڪريون وٺنداسين چوتہ ٻڪري وڌندڙ مال آهي وڌي ويندو ۽ الله پاڪ اسان جي روزق ۾ برڪت وجهندو.

هن چيو تہ اسين پنهنجي منصوبي تي عمل ڪيو ۽ هاڻي اهو سڀ ڪجھ اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو ڏسي حيران هوندا آهن تہ هڪ غريب مائي ويلو ڪائيندڙ ويلو ويهندڙ هاڻي ڏڻ ٻڪرين جي مالڪياڻي ٿي وئي آهي. شڪر آهي هاڻي ڪابہ پريشاني نہ آهي، بيماري ٻڙيءَ ۾ ڪا ٻڪري کپائي سيڌو سامان بہ وٺندي آهيان ۽ وقت سر علاج بہ ٿي ويندو آهي. پهريان جيڪي ماڻهو اعتراض ڪندا هئا، اسان غريبن کي ڪجھ بہ نہ پائيندا هئا، اڄ اهي ماڻهو مون وٽ پاڻ هلي اچن ٿا ۽ چون ٿا تہ تو ڪيئن اها منصوبا سازي ڪئي ۽ اڄ ڏڻ مال جي مالڪياڻي آهين، اسان کي بہ اهڙو ڪو قرض بناوياج جي وٺرائي ڏي تہ اسان بہ پنهنجا گهريلو حالات بهتر ڪريون، سچ پڇو تہ ڏاڍي خوشي محسوس ٿيندي آهي.

سَسُئي چيو تہ مان هاڻي انهن ٻڪرين مان فائدو حاصل ڪندي هڪ مينهن پڻ ورتي آهي ۽ هاڻي منهنجون پنج ٻڪريون کير بہ ڏينديون آهن جيڪو مان پنهنجي گهر ۾ استعمال ڪندي آهيان. مينهن بہ ويامي آهي ۽ ان جو کير 80 روپين جي حساب سان کپائيندي آهيان، جنهن منجهان ڪجھ مينهن تي خرچ ڪندي آهيان ۽ ڪجھ گهر جي روزانو جي خرچ ۾ ڪم اچي ويندا آهن.

مسمات سَسُئي اداري جا ٿورا مڃيندي چيو تہ وزير اعظم جي بناوياج قرض PM-IFL مون جهڙي غريب عورت کي پنهنجي ڏڻ جي ڏياڻي ٻڻائي ڇڏيو. ان کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالھ آهي، منهنجو گهر هاڻ سکيو ستابو ٿي ويو آهي، غربت جي چنبي مان اسين هاڻي نڪري آيا آهيون، منهنجا ٻار اسڪول پڙهن ٿا. منهنجي اها ڪوشش آهي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ بہ مون جهڙو غريب نہ هجي چوتہ غربت تمام گهڻي ڏکائيندڙ آهي، جيڪا همت حوصلي ۽ رهنمائي سان ئي گهٽ ٿي سگهي ٿي. اسين علائقي واسي خوشنصيب آهيون جو سرسو ادارو اسان جي علائقي ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ مون جهڙيون ڪيئي عورتون غربت مان پنهنجي جانِ آجي ڪري چڪيون آهن. جسُ هجي سرسو ٽيم کي جيڪي گرمي سرديءَ ۾ اسان وٽ اچن ٿا، حال احوال پڇن ٿا، منصوبا سازي ڪرائين ٿا رهنمائي سان گڏ همت افزائي ۽ مدد پڻ ڪن ٿا. اهڙا ادارا تمام گهٽ آهن جيڪي غريبن لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا، هاڻ اسان تي لازم آهي تہ اسين اهڙن ادارن جو قدر ڪريون، منظم ٿي پنهنجو آئيندو روشن ٻڻايون.

# بنا وياج قرض جو صحيح استعمال، خوشحاليءَ جي ضمانت

عاشق کلوڙ
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو گھوٽڪي

ضلعي گھوٽڪي ۾ سال 2014ع جي آخر ۾ وزير اعظم پاڪستان جي بنا وياج قرض اسڪيم جي شروعات ٿي جنهن ۾ اڪثر ڪري ضلعي گھوٽڪي ۾ ٽن شعبن جي مَد ۾ هي بنا وياج قرض ڏنو ويو جنهن ۾ زراعت، مال مويشي پالڻ ۽ ننڍا ڪاروبار شامل هئا.

مختلف شعبن ۾ قرض جي ڦيرگير کان پوءِ اهو ثابت ٿيو ته بغير وياج جي قرض کي ڪنهن به شعبي ۾ صحيح استعمال ڪري وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگھجي ٿو. ۽ جيڪڏهن ان قرض جو غلط استعمال ڪيو ويو ته پوءِ قرض جي واپسيءَ وقت ڪافي ڏکيائي ٿئي ٿي. جنهن جا مثال ڪجھ هن ريت آهن.

مسمات بشيران زال بالم ميمبر پاڙي واري تنظيم "مومل" ڳوٺ شانتي نگر جي رهواسڻ آهي. جنهن وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم مان قرض ورتو ۽ ان قرض مان هن پنهنجي گھر جي مرمت ڪرائي ۽ پئسن کي ڪنهن ڪاروبار ۾ استعمال نه ڪيو ۽ جڏهن قرض ادا ڪرڻ جو وقت آيو ته هوءَ تمام گھڻو پريشان ٿي وئي ۽ هن وڌيڪ وقت لاءِ ٻي جاءِ تان قرض کڻي اداري کي پنهنجو قرض واپس ڪيو ۽ نتيجي طور هوءَ ٻيهر مقروض ٿي وئي.



ساڳئي طرح ساڳي ئي ڳوٺ ۽ تنظيم جي ميمبر نانو ٻائي به وزير اعظم جي بناوياج قرض اسڪيم مان -/24000 هزار روپيه قرض ورتو ۽ هن ان قرض کي صحيح استعمال ڪيو ۽ گھر ڀاهران هڪ ڪرياڻ جو دوڪان کوليو جيئن ته هن جي پر ۾ ڪو ٻيو دوڪان ڪونه هيو ۽ هن جو دوڪان بهتر نموني سان هلڻ لڳو ۽ روزانه هن جي ڪمائي 300 کان 400 سئو روپيا ٿيڻ لڳي. اهڙي طرح هن ٿوري ئي عرصي ۾ اداري کي قرض واپس ڪيو.

نانو ٻائي چواڻي ته قرض جو جيڪڏهن صحيح استعمال ڪجي ته خوشحالي ضرور ايندي ۽ غربت آهستي آهستي گھٽ ٿي ويندي. پهريان منهنجو غربت جو اسڪور 15 هيو. ۽ هاڻ ظاهر آهي ته وڌيڪ هوندو ۽ جياپي ۾ ڪافي بهتري آئي آهي. هاڻ مان ڪنهن جي محتاج نه آهيان، پنهنجي ٻارن کي تعليم به ڏياري رهي آهيان ۽ پنهنجي مڙس جو هٿ به ونڊائي رهي آهيان گڏوگڏ بچت به ڪري رهي آهيان.

مان شڪرگذار آهيان سرسو اداري ۽ سرسو ٽيم جي ڇوته اسان غريبن کي ڏکيءَ سُکيءَ ۾ڪو پنج روپيه ڏيڻ لاءِ به تيار نه هيو. اسان کي وزير اعظم جي بنا وياج واري هن پروگرام مان سنو فائدو ٿيو آهي جو اسان کي بغير ڪنهن پريشانيءَ جي بنا وياج جي پئسا ملي ويا. هاڻ ته مون وقت سرِ بچت ڪري اداري جو قرض به لاهي ڇڏيو آهي. ۽ گھر جو چرخو به بهتر هلي رهيو آهي.

همٿ سان هرڪم آسان ٿي ويندو آهي. اهو اسان کي مسمات بشيران ۽ نانو ٻائيءَ جي قرض جي استعمال مان پتو پوي ٿو ته جيڪڏهن پئسي کي ننڍي ڪاروبار ۾ ئي صحيح طريقي سان استعمال ڪجي ته ان مان تمام وڏو فائدو حاصل ڪري سگھجي ٿو. تنهن عمل تحت ئي اهو فقرو صحيح ثابت ٿيندو " قرض جو صحيح استعمال" خوشحاليءَ جي ضمانت آهي.

# سرگرم ڪارڪنن سان گڏجاڻي

افتخار عباسي
مانيٽرنگ آفيسر PPRP بدين

حڪومت سنڌ جي مالي سهڪار سان عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP GoS تحت متحرڪ ڪارڪنن سان هڪ گڏجاڻي ڳوٺ ابراهيم چانديو، يونين ڪائونسل ترائي، تعلقو شهيد فاضل راهو ضلعي بدين ۾ 11 اپريل 2019ع تي منعقد ڪئي وئي.

پروگرام جي مک مهمان محترم شهلا رضا (منسٽر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ) هُئي ۽ مهمانِ خاص محترم رياض علي عباسي (ڪوآرڊينيٽر پي پي آر پي پروجيڪٽ - پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ)، ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال (ڊپٽي ڪمشنر بدين)، محترم تنزيلا قمبراڻي (ايم.پي.اي -ماتلي)، محترم انجم اقبال جماڻي (ايڊيشنل سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ)، محترم ذوالفقار نظاماڻي (اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي)، ڊاڪٽر سومار ڪوسو (انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ)، ڊاڪٽر ڪِيول رام (ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ هسبينڊري)، محترم ڪينجهر (ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر)، ڊاڪٽر دانش شمس (PEO-WHO) ، ڊاڪٽر ڪريم بخش (DPCR)، محترم دين محمد (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر)، محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (چيف ايگزيڪيٽر آفيسر- سرسو)، ڊاڪٽر غلام رسول سميجو (ٽيم ليڊر پي.پي.آر.پي پروجيڪٽ - سرسو)، گڏوگڏ پاڙي ۽ ڳوٺاڻي سطح جي تنظيمن جي 400 منظم ۽ متحرڪ عورتن شرڪت ڪئي.

پروگرام شروع ڪرڻ کان پهريان گهٽ لاڳت واري گهرن جي اسڪيم، پوليو جي ٽڪن ۽ وٽڪاري جي مهم جو افتتاح، پروگرام جي مک مهمان محترم شهلا رضا ۽ محترم رياض علي عباسي جي هٿان ڪرايو ويو. جڏهن ته ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال، محترم تنزيلا قمبراڻي، محترم انجم اقبال، محترم ذولفقار نظاماڻي، ڊاڪٽر سومار ڪوسو، ڊاڪٽر ڪيول رام، محترم ڪينجهر، ڊاڪٽر شمس دانش، ڊاڪٽر ڪريم بخش، محترم دين محمد، محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، ڊاڪٽر غلام رسول سميجو پڻ شامل هئا.



پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. تنهن بعد پروگرام کي اڳتي وڌائيندي عبدالطيف سومرو (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو بدين) سمورن شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته اسين نهايت ئي شڪر گذار آهيون محترم شهلا رضا صاحب ۽ محترم رياض علي عباسي ۽ سمورن آيل مهمانن ۽ معززين جا جن سرگرم ڪارڪنن سان گڏجاڻي واري تقريب ۾ شرڪت ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته اسين سڀ پنهنجي ايندڙ نسلن جي غربت گهٽائڻ سان گڏ ملڪ کي سرسبز بڻائڻ ۽ صحت جي اهميت بابت سنجيده آهيون.

آجياڻي بعد سنڌ جي مهمان نوازي جي روايت کي برقرار رکندي سمورن مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.

تنهن بعد ڈاڪٽر غلام رسول سميجي پڻ محترمہ شهلا رضا، محترم رياض علي عباسي ۽ آيل سمورن مهمانن کي هن ميڙاڪي ۾ شرڪت ڪرڻ تي ڀليڪار ڪئي ۽ خاص ٿورا مڃيا. انهيءَ موقعي تي هن ”عوام جي غربت گهٽايو پروگرام“ Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP GoS تي هڪ نظر ڦيريندي ٻڌايو تہ هي پروگرام حڪومتِ سنڌ جي سهڪار سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن - سرسو پاران ڇهن ضلعن خيرپور ميرس، سانگهڙ، عمرڪوٽ، بدين، ٺٽو ۽ ميرپورخاص ۾ عمل ۾ آندو ويو آهي.




جيئن تہ هن پروگرام کي شروع ڪئي ٻہ سال گذري چڪا آهن. شروعات غربت جو اسڪور جاچڻ لاءِ سروي ڪئي وئي ۽ پوءِ غريب عورتن جي پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي تنظيمون ناهڻ شروع ڪيون ويون. جن وسيلي عوامي سيڙپ ڪاري فنڊ CIF، آمدني وڌائيندڙ امداد IGG، هنري تربيتي پروگرام VTP ۽ گهٽ لاڳت وارن گهرن جي اسڪيمون LCHS عمل ۾ آنديون وينديون. انهن عورتن جي تنظيمن ناهڻ جو هڪ مقصد اهو پڻ آهي تہ هو متحد ٿي پنهنجا ننڍا ننڍا مسئلا پاڻ ۾ ويهي گڏجي حل ڪن. انهن متحد عورتن جي معاونت ڪان سواءِ مسئلا حل نہ ٿي سگهندا. ڇو تہ انهن مقامي عورتن کي چڱي ريت ڄاڻ آهي تہ مسئلا ڪئين حل ٿيندا، جيڪي وسيلن ۽ رابطہ ڪاري جي گهٽتائي سبب پيش آيا آهن. سنڌ حڪومت ۽ سرسو گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن. جيئن ماڻهن کي غربت مان ڪڍي روزگار ۽ آمدني وڌائڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن. اڄوڪي هن تقريب ۾ ڳوناٽي منظم عورتن ۽ سرڪاري کاتن جي نمائندن ۽ علائقي جي چونڊيل سياسي نمائندن جي شرڪت اهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ حڪومت جو مقصد پڻ پورو ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ عوام، ضلعي انتظاميہ ۽ چونڊيل سياسي نمائندا گڏجي غربت گهٽائڻ ۽ ٻين معاملن متعلق هڪ هنڌ گڏ ٿيا آهن. جيڪا تمام خوشي جي ڳالھ آهي.

### ڪميونٽي جي نمائندگي

تنظيمن جي عهديدارن ۽ فائدو حاصل ڪندڙن پروگرام جي سرواٽي ڪئي ۽ شرڪت ڪندڙن آڏو پنهنجي متحد ٽيڻ جي جاکوڙ بابت ويچار ونديا ۽ ٻڌايو تہ هنن عوام جي غربت گهٽايو پروگرام Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP GoS مان کهڙا کهڙا فائدا حاصل ڪيا آهن. مثال طور ڪميونٽي سيڙپ ڪاري فنڊ (CIF)، آمدني وڌائڻ جي امداد (IGG)، هنري تربيت جو پروگرام (VTP) ۽ گهٽ لاڳت واري گهرن جي اسڪيم (LCHS).



هنن عوام جي غربت گھٽايو پروگرام (PPRP) جي پنهنجائپ ۽ عمل ۾ ڀرپور شريڪ ٿيڻ جي واکاڻ ڪئي ۽ ٻڌايو تہ هن پروگرام تحت غربت ۾ گھٽتائي اچڻ سان گڏوگڏ اسان ۾ شعور پڻ آيو آهي جيڪڏهن شعور نہ اچي ها تہ شايد اڄ اسين هت نہ وينا هجون ها، اسان جي ٻارن جي تعليم ۾ پڻ واڌارو ٿيو آهي ۽ ڀهراڙين جون عورتون منظم ۽ سگھاريون پڻ ٿي رهيون آهن.

هي عوام جي غربت گھٽايو پروگرام هڪ اهڙو پروگرام آهي جنهن وسيلي  تمام گھٽيون تبديليون عورتن جي حق ۾ آيون آهن، خاص ڪري ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪرڻ، فيصلا سازي ۾ ڪين برابري جا حق ملڻ وغيره شامل آهن. پروگرام تحت فائدو حاصل ڪندڙن پنهنجي ڪاميابين جون ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون تہ هنن جي معاشي ذريعن ۽ آمدني وڌائڻ جي سرگرمين ذريعي هن پروگرام مان انيڪ فائدا حاصل ڪيا آهن. گھٽ لاڳت واري گھرن جي اسڪيم (LCHS) انهن عورتن لاءِ تمام خاص مدد آهي جيڪي تمام گھٽيون غريب آهن. هن اسڪيم ڪين ڏکي وقت کان



محفوظ ڪيو آهي. جن ڏکيائين کي هو مختلف موسمن ۾ منهن ڏينديون پئي آيون گھٽ آمدني هئڻ ڪري هو اجھي اڏڻ کان محروم هيون.

## ڪميونٽي سيڙپ ڪاري فنڊ (CIF) ۽ گھٽ لاڳت واري گھرن جي اسڪيم جي فائدو حاصل ڪندڙن ۾ چيڪ ورهائڻ جي سرگرمي

16 ڪميونٽي سيڙپ ڪاري فنڊ جا چيڪ ۽ 08 گھٽ لاڳت واري گھرن جي اسڪيم جا چيڪ مک مهمان جي هٿان ڏياريا ويا. انهن سمورن گھٽ لاڳت واري گھرن جي اسڪيم جي فائدو حاصل ڪندڙ کي گھر مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا.

**محترمہ تنزيلا** (ايم پي اي ماتلي) تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ اهو منهنجي لاءِ اعزاز آهي تہ مان هن تقريب جو



حصو ٿي آهيان جيڪي ڳوٺاڻي عورتن منعقد ڪئي آهي. هتي ڳوٺاڻي عورتن جي ڪثرت ۾ موجودگي ان جي ثابتي آهي تہ عورتن جو معاشري ۾ اهم ڪردار آهي ۽ انهن جي شرڪت بغير ڪو بہ ملڪ ترقي طرف نٿو وڌي سگھي. اها عورت ئي آهي جنهن هميشہ پنهنجي ڪٽنب جي لاءِ قرباني ڏني آهي ۽ روايتن جي متاثر رهي آهي. اهو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو خواب هو تہ سموري پاڪستان ۾ عورتن کي سگھارو ڪيو وڃي. هوءَ اسان لاءِ هڪ مثال آهي جنهن پنهنجي حياتي جي ملڪ جي عوام لاءِ قرباني ڏني. عوام جي غربت گھٽايو پروگرام Peoples’ Poverty Reduction Program- PPRP GoS جو مقصد عورتن کي سگھاري ڪرڻ ۽ آمدني جي ذريعن کي وڌائڻ ۽ بهتر ڪرڻ سان گڏ مهارتن ۾ اضافو ڪرڻ آهي، جئين ڀهرڙاين ۾ غربت ۾ گھٽتائي آڻي سگھجي. اوهان سڀ محترمہ جي خواب جو حصو آهيو ۽ اوهان سنڌ حڪومت کي پنهنجي پاڙ سان گڏ پانيو، جڏهن اوهان کي اسان جي ضرورت هوندي اسان اوهان سان گڏ هونداسين.

سنڌ رورل سپورٽ پروگرام ـ سرسو عوام جي غربت گھٽايو پروگرام Peoples' Poverty Reduction Program- PPRP GoS تمام بهترين نموني عمل ۾ آڻي رهي آهي. هاڻي اوهان جو وارو آهي اوهان هن پروگرام کي ڪامياب ڪيو ۽ پنهنجي علائقن مان غربت کي گھٽايو.
عوام جي غربت گھٽايو پروگرام ڳوناڻي ڪميونٽي کي هڪ سگهارو فورم ناهڻ ۾ سهڪار ڪري ٿو. جنهن سبب اسان سڀئي هڪ چٽ هيٺ گڏ ٿيا آهيون. مان شرڪت ڪندڙن جي ٻه واڪاڻ ڪنديس جن پنهنجي زندگي جي اوکي سفر مان پلائي تائين رسائي بابت اڃي ٻڌايو. اسان کي يقين آهي ته ڳوناڻا ماڻهو ڀرپور صلاحيتون رکن ٿا ۽ هاڻي اهو ئي وقت آهي ته اسان پاڻ کي هڪ منظم قوم طور ثابت ڪيون. مان اوهان سڀني مان اها اميد رکان ٿي ته اوهان ٻين جي زندگين کي بهتر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا جيئن اوهان پاڻ ڪيو آهي.
**ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال** (ڪمشنر بدين) تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مان اوهان جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، خاص ڪري ڪميونٽي جو جنهن تمام شاندار تقريب منعقد ڪئي آهي.



جنهن ۾ انتظامي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ هڪ هنڌ گڏ ٿيا آهن. آءُ محترمہ شهلا رضا جو پڻ شڪر گذار آهيان، هوءَ ٻهراڙيءَ جي سطح تي اچي سرگرمين جي نگراني ڪري ٿي. هن هميشہ عورتن کي سگهارو ڪرڻ لاءِ انهن جي هنري مهارتن کي وڌائڻ لاءِ تمام گهڻون ڪوششون ورتيون آهن. جيئن هو پنهنجون گهرجون پاڻ پوريون ڪري سگهن. اسان جا ماڻهو خوشنصيب آهن جو اهي پاڪستاني آهن چاڪاڻ ته اهو معجزو آهي. اسان وٽ قدرتي وسيلن جو خزانو آهي. سوال اهو ٿو اڀري ته انهن جي نگهباني ۽ انتظام ڪاري ڪير ڪندو؟ اهو ئي وقت آهي سجاڳ ٿيڻ جو ۽ پنهنجي اولاد کي پڙهايو جو ته تعليم ئي ترقي جي ضامن آهي. تعليم ئي سجاڳي ۽ سگهہ پيدا ڪري ٿي. ٻاهرين ماهرن کي گهرائي نوڪريون ڏيڻ مان ڪو فائدو نہ ٿيندو ڪو بہ تبديلي نٿو آڻي سگهي جيستائين اسان پاڻ ڪا پيش قدمي نہ ڪنداسين.
هي هڪ منظم تقريب آهي توهان جي جاکوڙ ۽ محنتن سبب اڄ هرڪو ئي هن پروگرام جو حصو آهي. حڪومت سنڌ اوهان کي موقعو فراهم ڪيو آهي. اها اوهان جي خاص ذميواري آهي تہ ان کي اثرائتي انداز ۾ ڪتب آڻيو. آءُ آخر ۾ مائرن کي عرض ڪندس تہ پنهنجي ٻارن کي خطرناڪ بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا ضرور لڳرائين.



**محترم رياض احمد عباسي** (ڪوآرڊينيٽر PPRP پروجيڪٽ P&D-GoS) مان توهان سڀني جو نهايت ئي شڪرگذار آهيان جو توهان هن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. PPRP سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ هلي رهيو آهي جنهن جي مالي سهڪار سنڌ حڪومت ڪئي آهي، عمل ۾ آڻيندڙ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) آهي. اهو سنڌ حڪومت جو قدم آهي جنهن کي سرسو مؤثر انداز ۾ عمل ۾ آڻي رهي آهي ۽ ڳوناڻين عورتن جو وڏو پاڱو آهي جيڪي هن پروگرام جو حصو آهن.
هن پروگرام جو مکيہ مقصد غربت ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي ۽ ڳوناڻي عورتن کي سگهارو ڪرڻ جيئن هو پنهنجا معاشي ذريعا بهتر بڻائن. عورتن جو معاشري ۾ اهم ڪردار آهي، انهن جي تعاون کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿي سگهي ها.
اهوئي وقت آهي منظم ڪري عورتن کي موقعا ڏنا وڃن جيئن هو پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن.

ڪاميابي ۽ ترقي جي هر ڏاڪي تي عورت ئي ڪاميابي جو راز رهي آهي. عورتن جي موجودگي وڏيڪ اميدون وڌايون آهن ته هو وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون. هن پروگرام مان پنهنجا اثاثا وڌائڻ ۾ ۽ ٻين جي ٻه مدد ڪنديون.

**محمد ڏتل ڪلهوڙو** چيف ايگزيڪيٽو آفيسر- سرسو خطاب ڪندي چيو ته "ايس آر ايس او هميشه اهو يقين رکي ٿي ته ماڻهن ۾ تمام گهڻي صلاحيت موجود آهي صرف ان کي اجاگر ڪري استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. سيني معزز مهمانن توهان کي پروگرام جي هرپاسي بابت پنهنجن تقريرن ۾ ٻڌائي چڪيو آهي، مون کي وڌيڪ چوڻ جي ضرورت نه ناهي، پر مان صرف ايترو چوڻ چاهيندس ته پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏياريو خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم تي ڌيان ڏيو. ٻارن کان مزدوري نه ڪرايو، ننڍي عمر ۾ ڇوڪرين جي شادي ۽ عورتن جي حقن جي خلاف ورزي تي آواز اٿاريو.



مان شڪرگذار آهيان محترمه شهلا رضا (منسٽر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ) جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڏنو ۽ محترم رياض عباسي (ڪوآرڊينيٽر پي پي آر پي پروجيڪٽ- پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ)، ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال ڊپٽي ڪمشنر بدين، محترمه تنزيلا قمبراڻي (ايم پي اي ماتلي)، محترمه انجم اقبال جماڻي (ايڊيشنل سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ)، محترم ذوالفقار نظاماڻي (اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي)، ڊاڪٽر سومار ڪوسو (انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ)، ڊاڪٽر ڪِيول رام (ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ هسبيندري)، محترمه ڪينجهر (ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر)، ڊاڪٽر دانش شمس (PEO-WHO)، ڊاڪٽر ڪريم بخش (DPCR)، ۽ محترم دين محمد (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ)، توهان سيني جي مهرباني جو ڳوٺاڻين عورت اڳواڻن کي هتي اچي مانُ بخشيو

آخر ۾ ڊسٽرڪٽ مئنيجر عبدالطيف سومرو آيل معزز مهمانن جا هن ميڙاڪي ۾ شرڪت ڪرڻ تي ٿورا مڃيا ۽ چيو ته توهان سيني جي تمام گهڻي مهرباني جو توهان هتِي اچي ڳوٺاڻي تنظيمي ميمبرن، اڳواڻ عورتن ۽ اسان کي عزت ۽ مانُ ڏنو.

انهيءَ تي هيءَ گڏجاڻي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

*

# لوچين سي لهن !

**ثمينہ برڪت علي**
ٽريننگ ڪوآرڊينيٽر - سڪسيس پروگرام



تعلقي ۽ ضلعي  لاڙڪاڻي جي يونين ڪائونسل زڪريو مهيسر جي ڳوٺ پيارو مگسي ۾ رهندڙ صوبيہ خاتون هن وقت پنهنجي گهر جي گذرسفر لاءِ پنهنجي ڪٽنب سان سُکي زندگي گذاري رهي آهي.
فيبروري 2019ع ۾ ڪاروباري گروپ ”سونهن“ جي هڪ مهيني واري هنري تربيت حاصل ڪندڙ  صوبيہ سان جڏهن اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هن پنهنجي باري ۾ ٻڌائيندي چيو تہ منهنجو تعلق هڪ غريب خاندان سان آهي، منهنجو مڙس صابر حسين ڪوسو هارپو ڪندو آهي ۽ گهر جو چرخو منهنجو سهرو امير بخش ڪوسو هارپي مان ئي هلائيندو آهي. اسين ڪل 8 ڀاتي هڪ ڪچي پڪي گهر ۾ رهون پيا. اڳ اسان جا گهريلو حالات بهتر نہ هئا. ۽ منهنجو سهرو گهر ڪي هلائڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪندو هو، عمر جي لحاظ کان هاڻ هو جهونو بہ ٿي ويو آهي، هن جي سخت محنت کي ڏسي مون کي بہ سدائين گهر جو اُلڪو رهندو هو سوچيندي هيس تہ ڪاش مان بہ پنهنجي مڙس ۽ سهري جو هٿ ونڊائي سگهان مان ٿورو گهڻو گهرو سطح تي ٽُڪ جو ڪم  بہ ڪندي هئس، پر ڪم ۾ ايتري مهارت نہ هئي.
جڏهن سرسو پاران يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ پروگرام ”سڪسيس“ جو اسان جي علائقي ۾ تعارف ڪرايو ويو سروي ٿي گڏجاڻيون ٿيون، اسان کي پروگرام متعلق سموري معلومات ڏني وئي، غربت گهٽائڻ لاءِ ترقياتي ڪم، هنري تربيتن متعلق پڻ آگاهي ڏني وئي تہ منهنجو حوصلو وڌيو ۽ مون سوچيو تہ هاڻ پنهنجي خاندان لاءِ مان ڪجهہ ڪري سگهان ٿي. پوءِ مون اداري جي رهنمائي سان ڳوٺ جي عورتن سان گڏجي هڪ ڪاروباري گروپ ”سونهن“ نالي سان ٺاهيو.
ڪجهہ عرصي بعد اسان جي گروپ کي مهيني جي هنري تربيت ڏني وئي، جنهن ۾ مان پڻ شامل هئس، مون پنهنجي ڪم ۾ اجان بہ وڌيڪ بهتري آندي. تربيت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مون ٽڪ جا ڪپڙا سِبڻ شروع ڪيا، سنيون ڊزائنيون جيڪي مون سکيون هيون ٺاهيون، گڏوگڏ لاڙڪاڻي شهر جي ريشم گلي مارڪيٽ بہ گهمي، جتي مون ڪپڙا ڏنا ۽ اگهہ پڻ معلوم ڪيو، مون هڪ دوڪاندار کي پنهنجو ڪم ڏيکاريو جيڪو هن کي پسند آيو ۽ هن مون کي 5 وڳا سبڻ جو آرڊر پڻ ڏنو. ان وقت مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي هئي، جڏهن هن منهنجي ڪم جي تعريف ڪئي آرڊر ڏيندي ڪجهہ رقم اڳ ۾ پڻ ڏني. ضروري سامان خريد ڪرڻ بعد بچيل پئسا جڏهن مان پنهنجي گهر وارن کي ڏنا. سچ تہ منهنجو سهرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ منهنجي مٿي تي هٿ رکندي چيو تہ ڌيءَ هيءَ تنهنجي محنت آهي هن تي تنهنجو ئي حق آهي، پر منهنجي گهڻي اسرار تي گهرن وارن اها رقم ورتي.
ان وقت منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نہ هئي، پاڻ تي فخر محسوس ڪري رهي هئس،



اها ڳالهہ جڏهن مون پنهنجي مڙس کي ٻڌائي تہ هو بہ ڏاڍو خوش ٿيو.

صوبيہ ٻڌايو تہ هاڻ مان پنهنجي ڳوٺ ۾ آس پاس جي ڳوٺن جي عورتن جا ڪپڙا پڻ سبندي آهيان، جنهن مان ماهانہ 6000/- ڪمائيندي آهيان. هن سموري ڪم ۾ مون سان گهر وارن جو ڏاڍو ساٿ رهيو آهي. هاڻ مون کي گهر ۾



پهريان کان وڌيڪ عزت ۽ مانُ پڻ ملي ٿو، هر معاملي ۾ مون سان صلاح مشورو ضرور ڪيو ويندو آهي. مان بہ پهريان کان وڌيڪ محنت ڪيان پئي ۽ وڌ کان وڌ نيون ڊزائنيون ناهڻ جي ڪوشش ڪيان پئي تہ جيئن مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿي سگهن ۽ اسان جا گهريلو حالات بهتر ٿي سگهن. چوتہ مون کي هڪ نياڻيءَ جي اولاد بہ آهي ان لاءِ بہ مون کي سوچڻو آهي ڪيس بهتر تعليم ڏيارڻي آهي.

صوبيہ کان جڏهن مستقبل جي رٿا بابت سوال ڪيوسين تہ هن ٻڌايو تہ مون لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ريشم گلي گهمي آهي، اُتي ڪجهہ دوڪاندارن سان پڻ رابطا ڪيا آهن. مون سوچيو آهي تہ اداري کان بنا وياج قرض وٺي ڪپڙو خريد ڪري ٽڪ جي ڪم جي نين ڊزائينن جا وڳا ناهي انهن دوڪاندارن کي وڪرو ڪندس جنهن مان مون کي اميد آهي تہ منهنجي آمدني ۾ اضافو ٿيندو.

صوبيہ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ مان سرسو اداري جي ٽيم ۽ يورپين يونين جي شڪرگذار آهيان، جن مون کي ان لائق بڻايو آهي جو مان پنهنجي گهر ۽ پنهنجي خاندان لاءِ ڪجهہ ڪري سگهان ٿي، اسان عورتن کي تنظيمون جڙڻ کان پوءِ ڪافي عزت ۽ مان مليو آهي، هنري تربيتون مليون آهن، مون جهڙيون ڪوڙ ساريون عورتون آهن جيڪي پنهنجي مهارتن ذريعي روزگار ڪري رهيون آهن. اهو ممڪن تڏهن ٿيو آهي جڏهن اسان جي علائقي ۾ ”سڪسيس“ پروگرام شروع ٿيو. واقعي هي پروگرام اسان عورتن لاءِ ڪاميابي ئي آهي.

*

# شائستہ جي سوپ جو سفر

بابر جاگيراڻي
ايم اي آر آفيسر



شائستہ جو تعلق ڳوٺ جنگل ڪٽو يونين ڪائونسل بلوچ آباد تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد سان آهي. شائستہ منظور احمد جي گهر ۾ اک کولي جنهن جو گذارو مزدوري تي هو. گڏھ گاڏو هلائي گهر جي چرخي کي هلائيندڙ منظور احمد کي ستن ٻارن جو اولاد آهي. پنجن پينرن ۽ ٻن ڀائرن منجهان شائستہ سڀني کان وڏي آهي.

ڪچي گهر ۾ ستن ٻارن سان گڏ رهندڙ منظور احمد جو گذارو ڪرڻ ڪنهن امتحان کان گهٽ نہ هو. اهڙي حالتن باوجود شائستہ پرائمري جي تعليم ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ مڊل تائين تعليم پنهنجي مامن وٽ سکر مان حاصل ڪئي. مامن جي واپسيءَ سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ وارو خواب شائستہ جي اکين تائين محدود رهيو. ڇو تہ هن جي ڳوٺ ۾ پنجن درجن کان وڌيڪ نياڻن کي پڙهائڻ عيب سمجهو ويندو هو. تنهن ڪري هن جي پڙهائي ۾ ڏکهي وٿي اچي وئي. جڏهن هن جون ٻيون پينر ۽ ڀاءُ پڙهڻ جهڙا ٿيا تہ هن پنهنجي پيڻ ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏجي همايون شريف جي هائي اسڪول مان نائون ۽ ڏهون درجو پاس ڪيو. يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جي پڙهائي جيڪب آباد جي سرڪاري اسڪول مان حاصل ڪيائين.

ٻارهون ڪلاس پاس ڪندڙ شائستہ وٽ ڪا خاص نوڪري يا روزگار ڪرڻ جو ڳوٺ جي سطح تي ڪو موقعو نہ هو. ان دوران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۔ SRSO پاران ٻار ۽ ماءُ جي صحت جي آگاهي بابت Health Communication Component-HCC پروجيڪٽ شروع ڪيو ويو. جنهن پروجيڪٽ ۾ ڪميونٽي هيلٿ ورڪرس Community Health Workers-CHWs جي گهرج هئي. جنهن جي زميداري پنهنجي ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت آگاهي ڏيڻ سان گڏوگڏ ڳوناٽي صحت ڪاميٽين Village Health Committees-VHCs ۽ ڪميونٽي سپورٽ گروپس Community Support Groups-CSGs جون گڏجاڻيون ڪرائڻ هيون. جڏهن تہ شائستہ پڙهيل لکيل هُئي تنهنڪري هوءَ آساني سان ان پروجيڪٽ ۾ CHW چونڊجي وئي. جنهن جي بدلي ۾ کيس -/3000 هزار رپيا وظيفو پڻ مليو پئي. شائستہ پنهنجي تعليم ۽ ذهانت وسيلي ڪم چڱي ريت سمجهي وئي. ان ڪم دوران ئي کيس Marie Stops Services ۾ FHE طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ان ڪم عيوض کيس 13000 اجورو ملڻ لڳو.

ان ڪم دوران شائستہ ڪميونٽي ميڊوائيفري ڪورس Community Midwifery Course ڪرڻ لاءِ بيگم سعيده احمد ميان سومرو مڊوائفري اسڪول جيڪب آباد ۾ داخلا ورتي ۽ اتان بہ کيس 3000 وظيفو پڻ ملڻ لڳو. شائستہ پنهنجي ڪم ۽ وظيفي جي رقم مان پنهنجي پينرن ۽ ڀائرن جي تعليم جاري رکي ۽ اوکي ويل ۾ پنهنجي بابا جي مدد پڻ ڪئي ۽ پنهنجي ڪچي گهر کي پڪو ڪرڻ واري خواب جي ساڀيان لاءِ بچت پڻ ڪرڻ لڳي.

SRSO-HCC project پروجيڪٽ ۾ MSS جي ڪم ختم ٿيڻ بعد شائسته کي سرسو جي Delivering accelerated family panning in Pakistan-DAFPAK ۾ Community Resource person- CRP طور چونڊيو ويو جتان ڪيس 1600 ماهوار وظيفو ملڻ لڳو. جڏهن ته People's Primary Healthcare Initiative-PPHI پاران ڪيس پڻ Community Health Workers- CHWs چونڊيو ويو جنهن جي ڪم عيوض ڪيس 6000 ملڻ لڳا. ان دوران شائسته پنهنجي پڙهائي جاري رکي جيئن ئي هن ڪميونٽي ميڊوائيفري ڪورس Community Midwifery Course مڪمل ڪيو. تنهن بعد سرسو جي Delivering accelerated family panning in Pakistan-DAFPAK ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر آسامي خالي هئي. شائسته ان پروجيڪٽ جي سموري سرگرمين کان آگاهه هئي تنهنڪري هن LHW جي آساميءَ لاءِ ٽيسٽ ۽ انٽرويو ڏنو جنهن ۾ هوءَ سوياري ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ شائسته گذريل ڇهن مهينن کان سرسو جيڪب آباد جي DAF-PAK پروجيڪٽ ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر طور ڪم ڪري رهي آهي.




منظور احمد جي سهڪار ۾ شائسته جي پڙهائي سبب هن جي ڀيڻ ثانيه ميٽرڪ، ثانيه بي ايس سي، صفيه انٽر، پير بخش انٽر، علي وارث پنجون درجو ۽ ننڍڙي زينت KG ۾ پڙهي رهي آهي. جڏهن ته شائسته جي شادي پنهنجي مامي جي پٽ سڪندر سان ننڍپڻ واري مڱيندي سان ٿي جيڪو ننڍي هوندي کان ئي سندن گهر ۾ رهندو هو. سڪندر هوٽل تي بورچي آهي ڪيس 800 ڏهاڙي ملي ٿي، شائسته ۽ سڪندر کي هڪ سال جو حيدر عباس پٽ پڻ آهي. شائسته ۽ سڪندر پنهنجي پورهئي جي ڪمائي مان پڪو گهر پڻ نهرايو آهي. جنهن ۾ هوءَ پيءُ، ماءُ، ڀينرن ۽ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ خوشگوار حياتي گذاري رهي آهي.

*

# ڪاميابيءَ جي جهلڪ

انيتا لوهاڻه
مانيٽرنگ آفيسر PPRP ميرپورخاص

خوشحاليءَ جو تعلق پُختي ارادي، همت، محنت ۽ اتحاد سان هوندو آهي. خوشحالي اها، جنهن جي جهلڪ ماڻهن جي زندگين ۾ نظر اچي. انهيءَ جو هڪ مثال سرسو اندر حڪومت سنڌ جي سهڪار سان شروع ڪيل " عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام" (PPRP) پڻ آهي.

سرسو اداري جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته ماڻهن کي منظم ڪري ڪين تنظيمي مالها ۾ پوئي هنري سکيائون ۽ مختلف تربيتون ڏجن ته جيئن هو پنهنجي ڪٽنب جي آمدني جو ذريعو بڻجن ۽ غربت کي گهٽائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي خوشحال زندگي گذارين. انهيءَ لاءِ ضرورت آهي ته ايڪي ۽ ٻڌي سان معاشري ۾ تبديلي آڻجي، ڇوته هڪ انفرادي عمل ڪان وڌيڪ ٻڌي بهتر آهي.

اڇو ته گڏجي ڳوٺن اندر منظم ٿيون ڇوته هڪ فرد جي سڌرڻ سان گهر سڌري ٿو، پر هڪ عورت سان پورو معاشرو سڌري پوي ٿو. انهيءَ سلسلي جي ڪڙيءَ هيٺ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام تحت تنظيمن ذريعي هلندڙ ڪمن ڪارن اِهو خوبصورت منظر پيش ڪيو آهي، جنهن سان ٻهراڙي جي پنتي پيل عورتن جڏهن اجتمائي ٻڌي ڪئي ۽ انهن پنهنجن گهرن جون حالتون ڪجهه بهتر ڪيون آهن. ۽ جڏهن عورتن اداري جي رهنمائي سان اجتمائي طور تي سوچ ويچار ڪئي ۽ ڳوٺ سطح تي پڻ سڌارا آندائون.




جيئن ڳوٺ غلام قادر لغاريءَ جي تنظيمي عورتن ٻڌي ڪري هڪ خوبصورت مثال قائم ڪيو آهي. اڪثر ٻهراڙين جي علائقن ۾ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جيان ڳوٺ غلام قادر لغاري جا رهواسي به ٻني ٻاري تي گذرسفر ڪندڙ مالوند ماڻهو آهن. جن جو سمورو ڏينهن ٻني ٻاري تي ڪم ڪار ڪندي ۽ مال مويشي جي سارسنڀال ۾ گذري ٿو. عورتون به پنهنجن مردن سان سڄو ڏينهن ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪنديون آهن.

2017ع ۾ سرسو - حڪومت سنڌ جڏهن ميرپورخاص ۾ عورتن لاءِ غربت گهٽائڻ جو پروگرام شروع ڪيو ته ڳوٺ غلام قادر جي رهواسين بهتر معاونت ڪري اداري سان گڏجي پاڙي سطح جون تنظيمون جوڙيون. ڪجهه وقت ڪان پوءِ تنظيمن هلائڻ جون سکيائون پڻ ڪين ڏنيون ويون ۽ ڳوٺ سطح جون تنظيمون پڻ ناهيون ويون.

ڳوناٽي تنظيم "غلام قادر لغاري" ۾ شامل 15 ميمبر عورتن جي اڳواڻ مسمات نصيبان پنهنجي ساٿي عورتن سان باقاعده گڏجاڻيون منعقد ڪرائي ٿي ۽ سڀ ساٿي عورتون پنهنجي بچت پڻ باقاعده جمع ڪرائين ٿيون. ڳوٺ اندر جيڪي به منظم غريب عورتن سان مسئلا درپيش اچن ٿا ته سيئي عورتون گڏجي ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ گڏجاڻي ڪري سرسو ٽيم سان پڻ رابطو رکن ٿيون، نتيجن تنظيمي عورتن ڳوٺ جي 18 ڇوڪرين کي سرسو پاران قائم ڪيل سينٽر تان بيوٽيشن جي تربيت پڻ ڏياري ۽ ننڍي پئماني تي سيڙپڪاري فنڊ (CIF) مان مستحق ۽ غريب ڳوناٽي 36 عورتن کي تنظيمي گڏجاڻين ۾ قرادادن ذريعي بغير وياج جو قرض پاڻ ڏياريو. جنهن جو استعمال ڪندڙ عورتن نندا ڪاروبار ڪيا آهن ۽ ڪجهه عورتن زمين لاءِ ٻج پاڻ خريد ڪري پاڻ کي ڳري وياج ڪان بچايو.

مسمات صغريٰ ٻڌايو ته تنظيمي گڏجاڻي ذريعي حڪومت سنڌ - سرسو جي هن پروگرام اندر ڪاروباري گروپ ناهڻ جي جڏهن اسان کي ڄاڻ ملي ته اسان دير ئي نه ڪئي سين ۽ پاڻ ۾ ويهي هڪ منصوبو جوڙيوسين ۽ ان منصوبي کي "خوشحالي" جو نالو ڏنو سين ۽ هن ڪاروباري گروپ ۾ ڪل 7 ميمبر عورتون مسمات راحت خاتون، نصيبان، شهناز، شڪيلا، حڪيمان، شيوا ۽ مسمات صغريٰ "ڪاروباري گروپ" ۾ BDG شامل ٿيون.

هن ڪاروباري گروپ جو مکيہ مقصد ڳوٺ جي نياڻين کي سواريءَ جي سهوليت مهيا ڪرڻ ۽ باحفاظت ڳوٺ کان شهر تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پهچائڻ ۽ گهريلو سطح تي حالات کي بهتر ڪرڻ ۽ گڏوگڏ غربت جي چنبي مان پاڻ کي آجو ڪرڻ هو. ڇوتہ جڏهن ڳوٺ جون نوجوان نياڻيون لوڪل سواري تي اسڪول وڃن پيون تہ اچوڪي بگڙيل ماحول سبب مائرنِ کي اُلڪو رهي پيو جيستائين ڇوڪريون گهر موٽن ۽ ڇوڪرين کي بہ اسڪول ويندي لوڪل سواريءَ تي ڊپُ پئي محسوس ٿيو. تنظيمي گڏجاڻي ۾ سوچ ويچار ڪئي وئي تہ سرسو اداري کان مدد وٺي ڪري هڪ لوڊر رڪشہ خريد ڪجي تہ جيئن نياڻين جي سواريءَ جو مسئلو بہ حل ٿئي ۽ گڏوگڏ تنظيم جي مستقل بچت ٿيندي رهي. ۽ اسان جي غربت ۾ بہ ڪجھ گهٽتائي ٿي سگهي. تنظيمي عورتن گڏيل راءِ سان هڪ قرارداد لکي اداري ڏانهن اُماڻي جنهن ۾ لوڊر رڪشہ جي گهر ڪئي وئي. سرسو ٽيم اداري جي پاليسي مطابق ضروري جاچ




پڙتال ڪانپوءِ ڳوناٽي تنظيم کي -/278,000 جو چيڪ ڏنو ۽ پاليسي مطابق رڪشہ خريد ڪرڻ ۾ سرسو اداري جي هڪ نمائندي سان گڏجي تنظيمي عورتن هڪ لوڊر رڪشہ خريد ڪيو. رڪشہ هلائڻ لاءِ ڳوٺ جي نهايت ئي شريف ۽ غريب ڇوڪري کي ڊرائيور طور رکيو، جيڪو هاڻ ڳوٺ جي 15-20 ڇوڪرين کي ميرپورخاص شهر جي بينظير هاءِ اسڪول ڪٺي وڃي ٿو. هر ڇوڪريءَ کان ماهوار -/1500 سئو رپيہ ڪرايو ورتو ويندو آهي. اسڪول وقت کان پوءِ لوڪل سواري ڪٺڻ، سامان وغيره هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائڻ ۾ پڻ استعمال ٿئي ٿو، جنهن مان تنظيم جي بچت بہ ٿي رهي آهي، جنهن جو سمورو حساب ڪتاب رکڻ لاءِ هڪ بڪ ڪيپر پڻ گروپ ۾ رکيو ويو آهي جيڪو رڪشہ جي ڪمائيءَ جو سمورو حساب ڪتاب رکي ٿو ۽ ماهوار گڏجاڻي ۾ سڀني ميمبرن کي پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو.

هن وقت ڪاروباري گروپ "خوشحالي" جي ڪل ڪمائي -/13,700 روپيہ آهي. ان مان خرچ پڪا ڪيدي ڪري بہ گروپ جي بچت -/6,850 روپيہ آهي. جنهن مان منظم ڪاروباري عورتون تمام گهڻو مطمئين ۽ خوش آهن.

ان منصوبي (BDG) بابت اسان جڏهن گروپ جي اڳواڻ مسمات نصيبان سان ملياسين تہ هن اسان کي ٻڌايو تہ حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي هن " غربت گهٽائڻ جي عوامي پروگرام" مان اسان کي تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي، سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيو آهي جو اسان جون نياڻيون هاڻي روزانہ اسڪول وڃن ٿيون. سندن تعليم متاثر بہ نٿي ٿئي. اسان ڪڏهن اهو سوچيو بہ نہ هو تہ ڪو اسان تنظيمون ناهي منظم ٿي سڀني جي سامهون تقريرون ڪنديون سين ۽ اسين پاڻ ڪمائي گهر جا حالات بهتر ڪنديون سين.

خوشيءَ جو اظهار ڪندي هن چيو تہ اسين ڳوٺ جون سڀئي غريب عورتون سرسو ۽ حڪومت سنڌ جون شڪرگذار آهيون جنهن اسان کي روزگار جو ذريعو ڏنو، اسان جي نياڻين جي تعليم جو مسئلو حل ڪرڻ ۾ اسان جي رهنمائي ۽ مدد ڪئي. اسان جو سڀن غريب عورتن کي اهوئي پيغام آهي تہ حڪومت سنڌ جي هن پروگرام مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪريو. ڇوتہ خوشحالي توهان جي در تي بيٺي آهي، ضرورت صرف ان ڳالھ جي آهي تہ توهان ان کي حاصل ڪريون ظاهر آهي تہ ان لاءِ اسان کي منظم ٿيڻو پوندو. اسان جو مثال اوهان آڏو آهي. اميد آهي تہ سڀئي مستحق عورتن منظم ٿي فائدو ضرور حاصل ڪنديون. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ اسان جو مستقبل جو منصوبو آهي تہ هڪ رڪشہ مان بہ ۽ ٻن مان چار رڪشائون ڪيون تہ جيئن اسان وڌيڪ مضبوط ٿيون ۽ اسان ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگڻو پوي.

# خواب جي ساپيا

غلام شبير وساڻ
يونٽ انچارج PPRP سرسو گمبٽ

حضرت انسان پنهنجي طرفان هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي ته هو معاشرتي ۽ اقتصادي طرح سان سماج ۾ هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪري ۽ انسان صدين ڪان وٺي اڄ تائين اڻ ڳڻيا طور طريقا استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پيو اچي ته سندس اهو اڻ پورو خواب ساپيا ٿي پوي، پوءِ چونه ان ڪي ڪنهن مشڪل ڪان مشڪل حالات ڪي منهن چونه ڏيڻو پوي.

هيءُ مختصر ڪهاڻي مسمات عيسان جي آهي جنهن پنهنجا خواب ساپيا ڪرڻ لاءِ تڪليفن سان منهن ڏيندي آخر پنهنجي خوابن ڪي پروان چاڙهيو.

ڳوٺ الله ڏتو پنڊ يونين ڪائونسل جادو واهڻ ديهه گنگڙ تعلقہ گمبٽ ضلع خيرپور ميرس شهر ڪان تقريباً پندرنهن ڪلوميٽر گمبٽ وايہ ڪمال ديرو روڊ تي رهائش پذير مسمات عيسان ذوجہ غلام الله پنهنجي ڪٽنب جي 11 ڀاتين جي ڪفالت ڪندي پنهنجي اولاد ڪي بهتر زندگي ڏيڻ لاءِ سخت محنت ۽ جاکوڙ ڪندي زندگيءَ ڪي گذاري رهي هئي.

اسان ڪي مسمات عيسان ٻڌائيندي چيو ته مان غربت سبب اولاد ڪي تعليم ته نه ڏياري سگهي آهيان. پر پنهنجي وڏي پٽ صدام حسين ڪي خاص مهارت ڏيارڻ لاءِ ڳوٺ جي ويجهي شهر کهڙا ۾ هڪ موبائيل جي مرمت واري دڪان تي ڪم سکڻ لاءِ ٻيهاريو ته من ڪڏهن اسان جا ڏکيا ڏينهن ختم ٿي پون. جتي هو تقريباً ٻن سالن تائين ڪم سکيو ۽ سموريون ڪاروباري مهارتون ۽ صلاحيتون حاصل ڪيون، ٻن سالن ڪان پوءِ هڪ ڏينهن پٽ چيو ته امان جيڪر پنهنجو دڪان کوليان. پر غربت جي ڪري پنهنجو ڪاروبار نه پئي کولي سگهيو.

ٿڌو ساهہ ڀريندي هن چيو ته جڏهن مان پنهنجي پٽ ڪي دوڪان تي ٻيهاريو ته سدائين اهو خواب ڏسندي هئس ته پٽ ڪي پنهنجو دوڪان آهي! ۽ اسان جا غربت وارا ڏينهن ختم ٿي ويا آهن ۽ هاڻ اسان ڪي پنهنجو هڪ ننڍڙو ڪاروبار آهي. پر جڏهن اک کلندي هئي ته ڪجهه دير ته پريشان ٿي ويندي هيس، پر مون ڪي يقين هو ته هڪ ڏينهن اهو خواب ضرور ساپيا ٿيندو ۽ اسان پنهنجي زندگيءَ ڪي بهتر بڻائي، سُک ڀري زندگي گذاريندا سين.

سال 2017ع ۾ جڏهن سنڌ حڪومت، سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ ” عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام“ شروع ڪيو ۽ سرسو اداري طرفان گهر گهر سروي ڪرائي وئي ته ضلعي خيرپور جي گمبٽ تعلقي ۾ بہ سروي جو ڪم



شروع ٿيو ۽ اسان جي ڳوٺ جي بہ سروي ڪئي وئي. ڪجهه عرصي بعد تعلقي گمبٽ جي سرسو ٽيم مارچ 2018ع ۾ ڳوٺ الهہ ڏتو پنڊ ۾ عورتن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي. جنهن ۾ حڪومت سنڌ طرفان شروع ڪيل ” عوام جي غربت گهٽائڻ جي پروگرام“ تحت ڳوٺن ۾ پاڙي سطح جي تنظيمن ناهڻ جي طور طريقن ۽ فائدن بابت آگاهي پئي ڏنائون. جنهن

مان متاثر ٿي ڪري مون پاڙي جي عورتن سان ملي ڪري هڪ تنظيم "عاليہ" جوڙي سين. پاڙي جي سڀني عورتن مون کي تنظيم جو صدر طور مقرر ڪيو. ۽ ڪجھ عرصي بعد جڏهن اسان جي تنظيم جي ڪجھ بچت بہ گڏ ٿي، ۽ عورتون منظم ٿي اداري سان سهڪار بہ ڪري رهيون هيون. ان دوران تنظيم جي عورتن کي تنظيم هلائڻ لاءِ تربيت پڻ ڪرائي. جنهن ۾ اسان کي سيکاريو ويو تہ صلاحيت جو صحيح استعمال ڪيئن ڪجي ۽ هڪ جامع منصوبا سازي تحت سُکي زندگي ڪيئن گذاري سگهجي ٿي.

مون کي تہ انهيءَ موقعي جي تلاش هئي، مون بہ پنهنجي پٽ سان صلاح ڪري دڪان جو منصوبو جوڙيو، تنظيم جي معرفت هڪ قرارداد لکي اداري ڏانهن موڪلي، جنهن ۾ دوڪان جو ذڪر ٿيل هو. ٽيم منهنجي گهر آئي ۽ پريل فارم جي تسلي ڪري وئي، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون کي 10,000/- هزار بغير وياج جي قرض مليو ۽ مون پنهنجي ميڙي چونڊي 7000/- هزار ملائي 17000/- هزار پٽ کي ڏنا. جنهن پهريان هڪ ننڍڙو دوڪان مسواڙ تي وٺي موبائيلن جو ڪم شروع ڪيو.



اسان جڏهن کهڙا شهر ۾ دڪان تي صدام حسين سان ملياسين تہ هن اسان کي ٻڌايو تہ اسان شڪرگذار آهيون سنڌ حڪومت ۽ سرسو جا جن اسان جي رهنمائي ڪئي وقت سر اسان کي قرض جي رقم ڏني ۽ مون امڙ جي دعائن سان هي دوڪان 10 مئي 2018ع تي کوليو ۽ پنهنجن صلاحيتن کي استعمال ڪندي ننڍي پئماني تي ڪاروبار ڪيان پيو، الله جو شڪرآهي گهر جو گذرسفر بهتر هلي پيو. مهيني ۾ 5000/- کان 6000/- هزار بچت ٿي ويندي آهي، مارڪيٽ جي حساب سان ڪڏهن گهٽ بہ ٿيندي آهي. چوتہ مون بلڪل ٿوري رقم 17000/- هزارن مان ڪم شروع ڪيو هو، ماشاءالله هاڻي ڪم کي ٿورو وڌايو بہ آهي، منهنجي امڙ جيڪو قرض تنظيم طرفان اداري کان ورتو هو اهو بہ وقت تي واپس ڪري چڪيو آهي ۽ ننڍي پئماني تي موبائل هارڊ ويئر ۽ رپيئرنگ جو ضروري سامان رکيو. آهستہ آهستہ بهتر ٿيندو پيو وڃي.

مسمات عيسان ٻڌايو تہ مان پنهنجي پٽ جي ڪمائي مان تمام گهڻو مطمئين ۽ خوش آهيان، گهر جو وهنوار بهتر نموني سان هلي پيو، پٽ ٻڌائيندو آهي تہ سندس دوڪان کهڙا شهر ۾ موبائيل هارڊ ويئر جي سٺن دڪانن ۾ ليکيو وڃي ٿو. ٻڌي ڏاڍي خوشي محسوس ٿيندي آهي ۽ مان ڪيس چوندي آهيان تہ اها سموري مهرباني سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جي آهي جن منهنجي خواب کي ساپيا جو روپ ڏنو ۽ اسان کي سُکي زندگي گذارڻ جو گسُ ڏنو. منهنجي غريب عورتن کي اهائي صلاح آهي تہ ننڍي پئماني تي پنهنجا ڪاروبار ڪريو اداري جي رهنمائي سان ۽ بهتر زندگي گذاريو، يقين ڪريو اوهان جا بہ خواب پورا ٿيندا جيڪڏهن توهان سچائي ايمانداري ۽ دل سان ڪنهن بہ ڪم جي شروعات ڪندا.

*

# معذوري ناهي مجبوري

رحيم بخش ابڙو
سوشل آرگنائيزر
سرسو - سڪسيس شهدادڪوٽ

فوزيہ جي والده انور خاتون زوجہ ذوالفقار علي جو تعلق پاڙي جي تنظيم ”صدف“ ۽ ڳوناٺي تنظيم ”آچر خاصخيلي“ ايل ايس او ”سُمبل“ ديهہ هڪڙاہ يونين ڪائونسل بگوڏڙو، تعلقو قبوسعيد خان ضلعو قمبر- شهدادڪوٽ سان آهي. کيس 8 نياڻين ۽ 2 پٽن جو اولاد آهي. فوزيہ پنهنجي پائرن ڀينرن ۾ پنجين نمبر تي آهي. فوزيہ جون ننڍپڻ ۾ کاٻي هٿ جون آڱريون مال جي گاهہ ”ڪتر ڪرڻ واري مشين“ ۾ ڪٽجي پيون هيون. ۽ معصوم نياڻي کاٻي هٿ جي آڱرين کان محروم ٿي وئي. فوزيہ همٿ واري بهادر نياڻي آهي، کيس پڙهائي جو تمام گهڻو شوق هو غربت باوجود سندس والد کيس مئٽرڪ تائين تعليم ڏياري. فوزيہ پنهنجي معذوري کي نظر انداز ڪندي تعليم جي حاصلات جاري رکي ۽ ڏهين درجي تائين تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن - سرسو پاران سنڌ جي ٻهراڙين ۾ معاشي خوشحالي لاءِ يورپين يونين ۽ سنڌ حڪومت سان گڏجي سڪسيس (SUCCESS) نالي هڪ پروگرام جي شروعات فيبروري 2016ع ۾ ڪئي. جنهن ۾ پهريان غربت جي درجابندي (PSC) سروي ڪرائي وئي تنهن بعد پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح جي تنظيمن جو بنياد رکيو ويو.
پاڙي سطح جي تنظيم (CO) ”صدف“ ۾ انور خاتون ميمبر طور شامل ٿي. ڪجهہ عرصي بعد جڏهن سڪسيس پروگرام ۾ هنري سکيائن جو سلسلو شروع ٿيو تہ فوزيہ ۽ سندس ڀيڻ ڪائنات کي پنهنجي ماءُ جي ميمبرشپ جي بنياد تي ”سلائي جي هنري تربيت“ لاءِ چونڊيو ويو. هڪ مهيني جي ڪپڙن جي سلائي ۽ ڪٽائي جي تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ فوزيہ ۽ سندس ڀيڻ گهر ۾ سلائي جو ڪم شروع ڪيو.
فوزيہ پنهنجي ڪاميابيءَ بابت اسان کي ٻڌايو تہ مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ٻاهر وڃي ڪري سلائي ۽ ڪپڙن جي ڪٽائي سکنديس، اها يورپين يونين ۽ سرسو جي مهرباني آهي جو اسان جي ڳوٺ ۾ تنظيمون جوڙي اسان کي

هنر ڏنائون تربيتن ذريعي مون جهڙين غريب ڇوڪرين کي روزگار لائق بڻايائون، ٿوري گهڻي سلائي ته عورتون گهرن ۾ به ڪنديون آهن، پر ڪپڙن جي ڪٽائي ۽ مهارت سان ڪپڙا سبڻ اهو اسان کي تربيت دوران سيکاريو ويو. هاڻ جڏهن ڳوٺن ۾ فصل لهندو آهي، ماڻهن وٽ ٿورو گهڻو پئسو ايندو آهي ۽ خاص ڪري شادين مرادين جي موسم ۾ سلائيءَ لاءِ گهڻا ڪپڙا ملندا آهن ۽ آمدني به سُٺي ٿيندي آهي. باقي عام ڏينهن ۾ ماهوار 1000 کان 1500 تائين آمدني ٿي ويندي آهي.



هن فخر محسوس ڪندي ٻڌايو ته منهنجو پوڙهو پيءُ هاري آهي ۽ هن سال پاڻي نه هجڻ سبب فصل ڪو خاص سٺو ناهي ٿيو پر پوءِ به شڪر آهي هن وقت ڪنهن جا محتاج نه آهيون. هنر ذريعي ڪمايل پئسن مان گهر جي چلهه گرم رهي ٿي. گڏوگڏ ننڍن ڀائرن کي تعليم به ڏياري رهي آهيان.
فوزيه، ڪائنات ۽ سنڌن امڙ انور خاتون سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ـ سرسو ۽ يورپين يونين جا ٿورا مڃيندي چيو ته اسان جي زندگي ۾ خوشحالي انهن هنري سکيائن وسيلي آئي آهي.

*

# ٻہ تہ ٻارنهن

بختاور ڪلهوڙو
CIF پروفيشنل - ميرپورخاص

هونئن تہ چوڻين ۽ پهاڪن کي اسان صرف مثالن ۾ ئي ٻڌاندا آهيون. پر، ڪڏهن ڪڏهن اِهي ذاتي زندگيءَ تي بہ نهڪي ايندا آهن، جيئن چوڻي آهي "ٻہ تہ ٻارنهن" مطلب تہ جڏهن ٻن ماڻهن جو ساٿ، همٿ ۽ طاقت گڏجن تہ انهن ٻن ۾ ٻارنهن ماڻهن جي طاقت، همٿ ۽ جذبو اچي ويندو آهي. اهڙو ئي هڪ ننڍڙو مثال زاهده ۽ فرزانہ جو بہ آهي جن ٻڌي ڪري اهو ثابت ڪيو تہ ٻہ تہ ٻارنهن ٿيندا آهن.

عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ان مثال کي آخر حقيقت جو روپ ڏئي ڇڏيو.

زاهده جان محمد ۽ فرزانہ محمد دين ڳوٺ شير خان مَيو جون رهواسي آهن جيڪو ڏگهڙي تعلقي ضلعي ميرپورخاص ۾ واقع آهي. ڳوٺ ڪچي ۾ هئڻ ڪري پڙهائي نہ هئڻ جي برابر آهي. هتان جي ڳوناڻن جو گذرسفر مزدوري، زراعت ۽ مال مويشي پالڻ تي آهي. زاهده ۽ فرزانہ ننڍپڻ جون ساهيڙيون هجڻ سان گڏ هڪ ئي ڳوٺ ۾ پرڻجي بہ آيون. زاهده کي ٻن ٻارن جي اولاد ۽ سندس گهر وارو ڊرائيور آهي، ان ڪري سندس گهر جو گذرسفر گذاري لائق هو. جڏهن تہ فرزانہ جو گهر وارو مزدور هئڻ ڪري پنهنجن ستن ٻارن جو پيٽ گذر ڏاڍي مشڪل سان ڪري رهيو هو. ان ڪري زاهده کي پنهنجي ساهيڙي فرزانہ جي گهرو حالات کي ڏسي سدائين پريشاني رهندي هئي.

هن علائقي ۾ جڏهن حڪومت سنڌ - سرسو سروي جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ٽيم هن ڳوٺ بہ وڃي پهتي، سروي مڪمل ٿيڻ بعد جڏهن تنظيمن جوڙڻ جو مرحلو شروع ڪيو ويو تہ سرسو جي ٽيم ٻيهر هن ڳوٺ ۾ پهتي ۽ پروگرام جو مڪمل تعارف ڪرايو. اڪثر ڳوٺن جيان ضلعي ميرپورخاص جي هن ڳوٺ ۾ بہ عورتن تي سختي هجڻ ڪري ڪابہ تنظيم ناهڻ ۽ اڳواڻ ٿيڻ لاءِ تيار نہ هُئي. ان وقت اسان جڏهن زاهده ۽ فرزانہ سان ملياسين ڪين سمجهايوسين تہ هي صرف ۽ صرف عورتن جي ڀلائيءَ جو پروگرام آهي، ان ۾ اسان کي عورتن سان ئي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. هي حڪومت سنڌ جو " عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام" آهي جنهن کي سرسو هلائي رهي آهي. اسان جي ڳالهہ هنن کي سمجهہ ۾ آئي ۽ پوءِ زاهده ۽ فرزانہ پنهنجن مردن سان صلاح مشورو ڪري ڪين راضي ڪري ورتو ۽ هو تنظيم ناهڻ لاءِ تيار ٿي ويون. جيئن تہ زاهده 8 درجا پاس هئي ان ڪري هوءَ تنظيم جي اهميت کي سمجهي پئي. هنن ڪجهہ ڳوٺ جي عورتن کي گڏ ڪيو ۽ تنظيم "جان محمد" جوڙي وئي. جنهن ۾ فرزانہ کي صدر ۽ زاهده جيئن تہ پڙهيل لکيل هئي ان ڪري ڪيس تنظيم جو مئنيجر چونڊيو ويو.

تنظيم جڙڻ کان پوءِ باقاعده عورتون پاڻ ۾ هڪ جاءِ تي گڏ ٿينديون رهيون ۽ ٿوري گهڻي بچت بہ ڪنديون رهيون ان سموري عمل ۾ زاهده کي پنهنجي گهر واري وڏو ساٿ ڏنو ۽ هر ڏکئي وقت ۾ ڪيس همٿ ڏني ۽ پنهنجي ڳوٺ جي غريب عورتن لاءِ ڀلائي جي ڪم ڪرڻ لاءِ ساٿ ڏنو.

زاهده ٻڌايو تہ ڪجهہ عرصي بعد جڏهن گهرو سطح تي منصوبي وارا فارم ڀريا ويا، جنهن ۾ سرسو جي ٽيم اسان جي ڀرپور رهنمائي ڪئي ۽ اسان کي مختلف منصوبہ پڻ ٻڌايا، جنهن ۾ مال مويشي پالڻ، زمين لاءِ ٻج پاڻ، ننڍڙو دوڪان وغيره شامل هئا. انهيءَ موقعي مان فائدو وٺندي اسين ٻنهي ساهيڙين گڏجي سوچيوسين تہ اهڙو ڪجهہ ڪيون جنهن سان روز جي آمدني ٿئي ۽ گهر بہ بهتر هلي سگهي. پوءِ سوچيوسين تہ اسان جو ڳوٺ شهر کان ڪافي پري بہ آهي جنهنڪري عورتن کي هارسينگار ۽ گهريلو سامان وغيره لاءِ ڪافي پريشاني پئي ٿئي.

اسان ۾ دوڪان کولڻ جو منصوبو ناهيوسين پوءِ پنهنجي منصوبي تحت ڪوششون ڪيون سين ۽ بناوياج قرض لاءِ قرارداد لکي اداري ڏانهن موڪلي سين، ضروري جانچ پڙتال ڪانپوءِ کي -/15000 هزار بناوياج قرض



مليو. جيئن ته فرزانه جو ڪٽنب تمام غريب هو ۽ هوءَ امداد جي زمري ۾ اچي پئي ان ڪري ڪيس IGG مان -/15000 مدد ملي جڏهن اسان کي پئسا مليا ته اسان هڪ ڏينهن جو به انتظار نه ڪيوسين ۽ گڏجي شهر لاءِ روانيون ٿياسين. ميرپورخاص شهر مان گهربل سامان خريد ڪري ڳوٺ اچي فرزانه جي گهر جي هڪ ڪچي ڪمري ۾ هڪ پراڻي سندل تي ڪپڙو لڳائي هڪ ننڍڙو دوڪان لڳايوسين. جيڪو تمام ڪارآمد ثابت ٿيو چوته پوري ڳوٺ ۽ آس پاس ۾ اهڙي قسم جو ٻيو ڪو دوڪان نه هو آهسته آهسته سامان جي ڪپت ٿيڻ لڳي ۽ آمدني اچڻ شروع ٿي. زاهده ۽ فرزانه جي ٻڌي ۽ سرسو طرفان مليل رهنمائي، مدد ۽ بناوياج قرض دوڪان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. دوڪان جيئن جو تيئن وڌندو پيو وڃي ۽ قرض جي واپسي جا پئسا به هڪ ننڍڙي پانداري ۾ پنجاهه سؤ، به سؤ گڏ به ٿيندا پئي ويا.



زاهده ۽ فرزانه اسان کي انتهائي خوش ٿيندي ٻڌايو ته عيد کان هڪ ڏينهن اڳ اسان -/8000 روپيه ڪمايا هئاسين. سچ پڇو ته ان وقت اسان کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي رهي هئي، زاهده چيو ته مان ته ڏاڍي خوش هئس چوته فرزانه جا گهرو حالات اڳ کان ٿورا بهتر ٿيڻ شروع ٿيندي نظر پئي آيا. فرزانه وڌيڪ ٻڌايو ته مان جڏهن گهر ۾ نه هوندي آهيان ته منهنجون نياڻيون به دوڪان کي سڀنالي ويندي آهن. مطلب ته سرسو جيڪا لاٽ ٻاري آهي ان جي روشني اسان جي ٻارن تي

ٻہ پھچي وئي آهي. هاڻ مون کي ان ڳالھ جي فڪر ڪونهي تہ منهنجون نياڻيون ڏکيون ٿينديون ڇوتہ مون حڪومت سنڌ - سرسو جي رهنمائي سان مليل هنر پنهنجين نياڻين ۾ بہ منتقل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ هو بہ هنرمند آهن ۽ سرسو جي ساٿ ۽ رهنمائي سان ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن نہ ڏسنديون.



زاهده خوش ٿيندي ٻڌايو تہ حڪومت سنڌ - سرسو جي ڪنيل قدمن ڪيترن ئي ڇهرن کي ٻهڪائي ڇڏيو آهي، تنظيمن ٺهڻ سان اسان ۾ ڪافي هنر آيو آهي، اڳ اسان ڪٿي بہ وڃي نہ سگھنديون هيون سين اڄ اسين تنظيمي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪيون ٿيون. سچ پڇو تہ سرسو پاران مليل تربيتن، رهنمائي، بنا وياج قرض ۽ مالي مدد جي صورت ۾ اسان غريبن جي گھرن جي آمدني ۾ بہ خاطرخواھ واڌارو ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪري هر وقت پريشاني جي نظر رهندڙ مزدور طبقو بہ هاڻي خوشحالي ڏانهن گامزن ٿيندو پيو وڃي.

زاهده ۽ فرزانہ ٻڌايو تہ شهر کان ڪافي پري ڪچي ۾ ڳوٺ هجڻ ڪري ڪوبہ اسان ڏانهن نہ ايندو هو. پر جَسُ هجي سرسو اداري کي ۽ ان جي ٽيم کي جيڪا ڪچا رستا اورانگھي بہ اسان غريبن تائين پھتي. اسان کي متحد ڪيو، سڄاڳي ڏني انهيءَ سبب ئي اسان جي ڳوٺ تر ۽ راڄ پاڳ ۾ سرسو جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي ۽ اسان ۾ ٻڌي بہ ايتري ٿي آهي جو هڪ سڏ تي سڀ عورتون ڪٺي ٿي وينديون آهيون ۽ اسان جي گڏجي هڪٻئي جي ڏکئي وقت ۾ مدد بہ ڪنديون آهيون، جنهن عورت کي ڪا پريشان يا تڪليف ٿيندي آهي تہ اسين سڀ تنظيمي عورتون ملي ڪري ان جو ساٿ ڏينديون آهيون، اها طاقت اسان کي حڪومت سنڌ ۽ سرسو ڏني آهي. هاڻ تہ اسان جي ننڍڙي منصوبي کي ڏسندي آس پاس جي ٻين عورتن بہ پنهنجي گھر جي سطح تي منصوبن ۾ نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. فرزانہ ٻڌايو تہ اڳ اسان تي اعتراض ڪرڻ وارا ماڻهو هاڻ اسان وٽ هلي اچن ٿا ۽ اسان جي تنظيم ۾ شامل ٿين ٿا. ڇوتہ عورت ڪجھ بہ نٿي ڪري سگھي وارا مثال ڏيندڙ جڏهن اسان جي همٿ ۽ ٻڌي کي ڏٺو تہ هاڻ هو بہ پنهنجي ڌيئرن کي سکيا جي سينٽرن ۾ هنر سکڻ لاءِ اماڻين ٿا ۽ اِها سڄي سڄاڳي اسان ۾ سنڌ حڪومت جي هن شروع ڪيل عوام جي غربت گھٽائڻ واري پروگرام کان پوءِ آئي آهي. جنهن کي پوري ايمانداري ۽ سچائي سان سرسو ۽ ان جي ٽيم نڀايو ۽ اسان جي ڀرپور رهنمائي ڪئي آهي.

*

# واڪا ڪرڻ وس مون!

امبرين سومرو
سي آئي ايف پروفيشنل
پي پي آر پي- بدين

نالو : مسمات صفوران
مڙس جو نالو : محمد عمر
ڳوٺ : محمد عثمان سومرو
پاڙي سطح جي تنظيم : محمد عثمان سومرو1
يونين ڪائونسل : حاجي سومارابڙو
تعلقو ضلعو : بدين



جيڪي ماڻهو معاشي ترقي، همٿ حوصلي ۽ ڪاميابيءَ تي يقين رکن ٿا اهي مسئلن کي حل ڪرڻ جا گسَ ٻه ڳولهي وٺن ٿا. عام طرح سان ماڻهن کي پاڻ تي پروسو ۽ يقين نه هوندو آهي، پر ڪجهه ماڻهو يقين ۽ پروسي سان ٿِمٿار هوندا آهن جيئن مسمات صفوران آهي، سندس تعلق ڳوٺ محمد عثمان سومرو يونين ڪائونسل حاجي سومار ابڙو تعلقو ۽ ضلعو بدين سان آهي. ڪيس چار پٽن ۽ ڇهن ڌيئرن جي اولاد آهي سندس گهر وارو محمد عمر هارپو ڪري پنهنجي گهر وارن جو پيٽ پاليندو آهي، اڄڪلهه جي مهانگائي جي دؤر ۾ هارپي ذريعي 12 گهر ڀاتين جي ڪفالت ڪرڻ ڪيڏي نه ڏکي آهي، جنهن ۾ بيماري، شادي غمي سڄ پچ ته گذارو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

صفوران اسان کي ٻڌايو ته اسان جي علائقي ۾ اڳ ڪا به تنظيم يا ادارو اهڙو ڪو پروگرام ڪٺي ڪڏهن نه آيو آهي، جهڙو حڪومت سنڌ - سرسو ”عوام جي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام“ ڪٺي اسان جي ڳوٺ ۾ آئي آهي، ڪجهه عرصو پهريان ته غربت جي درجا بندي بابت سروي ڪئي وئي بعد ۾ پروگرام جو تعارف ڪرايو ويو. پاڻ ۾ ايڪي ٻڌي، بچت ڪرڻ ۽ تنظيمن ناهڻ جو چيائون ته اسان کي پهريان ته سمجهه ۾ نه پئي آيو ۽ اسين پاڻ ۾ چئون

پيا تہ هي ڪھڙو ادارو آهي ۽ ڪھڙي پيا ڳالھ ڪن. پر مسلسل رهنمائي ۽ سمجھائڻ کان پوءِ ٿورو گھڻو اسان کي سمجھ ۾ آيو تہ هن پروگرام ۾ اسان عورتن جو فائدو آهي. پوءِ مون ڪوشش ڪئي ۽ ڪجھ پاڙي جي عورتن کي سمجھائڻ شروع ڪيو، جيڪا مون کي اداري جي ڳالھ سمجھ آئي هُئي، بحرحال ٽيم جي مدد ۽ ڪوشش رنگ لاتو ۽ اسان ڳوٺ جي مردن ۽ پاڙي جي عورتن کي مجائي ورتوسين ۽ انهن کي سمجھايو تہ سنڌ حڪومت - سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) صرف غريب عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري پئي ۽ اسان کي اداري سان گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. مون ڳوٺ جي عورتن کي گڏ ڪري سرسو سان هڪ گڏجاڻي ڪرائي ۽ تنظيم ”محمد عثمان سومرو“ ناهي ورتي. جنهن ۾ ساٿي عورتن مون کي صدر طور چونڊيو.



پوءِ گڏجاڻين جو سلسلو شروع ٿيو ۽ اسين تنظيمي عورتن گڏجي سوچيوسين تہ اداري کان ڪھڙو فائدو وٺجي گڏوگڏ اسان جي بچت بہ گڏ ٿئي پئي. انهيءَ دوران غريب عورتن سرسو اداري کان بنا وياج جي قرض جي گھر ڪئي، جنهن ۾ مان بہ شامل هيس، تنظيم معرفت مون بہ اداري ڏانهن قرض لاءِ قرارداد لکي موڪلي، جيڪا جلد ئي منظور ڪئي وئي ۽ سرسو پاران مون کي بناوياج قرض طور 16,000/- هزارن جو چيڪ مليو. مون قرض جو بهتر استعمال ڪندي گھر جي هڪ ڪچي ڪمري ۾ ڪرياڻہ جو دوڪان کوليو ۽ هن وقت سٺو هلي رهيو آهي ۽ روز جي ڪپت 1100 سؤ کان 1200 سؤ روپين تائين آهي جنهن مان روزانو 400 کان 500 روپين تائينِ بچت بہ ٿي ويندي آهي. الحمدالله هاڻ مان ٻارن کي تعليم بہ ڏياري رهي آهيان.

مسمات صفوران اطمينان جو اظهار ڪندي ٻڌايو تہ سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جي مان ٿورائتي آهيان، جن اسان جي زندگي ۾ خوشين جو ڏيئو ٻاريو. جوتہ هن علائقي ۾ اڳ تنظيمن ناهڻ جو ڪو تصور ئي نہ هُيو ۽ نہ وري اسان ڪڏهن اهو سوچيو بہ هو تہ ڪو اسان جون ائين تنظيمون جڙنديون ۽ اسين غريب عورتون روزگار ڪري ڪا بهتر زندگي گذارينديون سين اها سموري مهرباني سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جي آهي.

*

# سنڌ جا هنر

سنڌيڪار : زبير سومرو

سنڌ اوائلي زماني کان زرعي ملڪ رهيو آهي. سنڌ ۾ سماجي سرشتن ۾ ورهايل هئي. هڪ ڏراڙي زندگي (Nomadic society) ۽ ٻي هڪ هنڌ ويهي رهڻ واري زندگي (Sedentary Society). ڏراڙي زندگيءَ سان وابسته ماڻهو ڌنار ۽ مالوند هئا، جيڪي مال خاطر هڪ جاءِ کان ٻئي هنڌ لڏپلاڻ ڪندا هئا. اهي ماڻهو مال مان نه صرف کير، مکڻ حاصل ڪندا هئا، پر ضرورت آهر انهن جي کلن ۽ هڏن مان پڻ فائدو حاصل ڪندا هئا، سنڌن انهيءَ ڪارج ذاتي استعمال کان وڌي واپار جي صورت اختيار ڪئي، جڏهن ته هڪ هنڌ ويهي رهڻ وارن (Sedentary Society) پوکي راهي ڪئي، آهستي آهستي ڳوٺ ٻڌا ۽ پوءِ ننڍا توڙي وڏا شهر آباد ڪيا. ذاتي گهرج موجب ڪيتي ٻاڙي، اڳتي هلي واپار جي صورت اختيار ڪري وئي.

مؤرخ 'آرنولڊ ٽائن بي' جو چوڻ آهي ته: "اهو سنڌ جو ڪارنامو آهي، جو ان دنيا کي زراعت کان واقف ڪرايو." يونانين سڪندراعظم جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ تي هلان ڪئي ته اهو ڏسي تعجب ۾ پئجي ويا ته سنڌ ۾ اُن، رڍن کانسواءِ زمين مان به ڦُٽي ٿي. هنن ڪپهه (وونڊڻ) کي 'اُن' سمجهيو هو. سڪندر اعظم جي دور ۾ سنڌي ماڻهو زراعت جا ماهر هئا، جن سڀ کان اول ماڻهن کي جانورن جي کلن ۽ وڻن جي پنن واري اڌ اگهاڙي ۽ بيڊولي پوشاڪ مان نجات ڏياري، نرم ۽ نفيس لباس پائڻ ۾ دنيا جي ماڻهن جي اڳواڻي ڪئي.

سنڌ جو هنر تاريخ جي هر دور ۾ دنيا جي هر حصي ۾ پکڙيل رهيو آهي. 3000 ق. م (اڄ کان 5 هزار سال اڳ) ۾ سنڌ جي نفيس ململ جو ڪپڙو، مصر جي فرعونن جي پوشاڪ جو پسنديده ڪپڙو هو. اهڙيءَ ريت پنج هزار سال اڳ سائنس جو آغاز به سنڌ مان ٿيو. ڪاٺ مان بيل گاڏي (ڏاند گاڏي) ناهي وئي، جنهن تي بعد ۾ مصر ۽ عراق جي تهذيبن عمل ڪيو. سنڌ تهذيب ۽ ثقافت ۾ سدائين شاهوڪار رهي آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو هر فن ۾ ماهر رهيا آهن. قديم دور جي سنڌ جي آڏاڻ کي نظر ۾ رکي ڪپڙي جي جديد اُٽڪاري ڪئي وئي. ان کانسواءِ موهن جي دڙي جي تعمير جو فن ۽ هنر دنيا لاءِ رهنما ثابت ٿيو. اڄ کان پنج هزار سال اڳ زرخيزيءَ لاءِ زمين ۾ کوهه کوٽي، پڪين سرن سان ٻڌي زراعت ۽ خوراڪ لاءِ استعمال ڪيا ويا. ان لاءِ ڪاٺ جا هرلا، نار، ڍينگا، نيسرون ۽ پاڙڇ ناهي آبپاشيءَ جو سرشتو قائم ڪيو ويو، جنهن جو مثال ڪنهن به قديم تهذيب ۾ نه ٿو ملي.

مصر جي قديم تهذيب به صرف نيل درياهه تي زراعت ڪري سگهندي هئي، جڏهن ٻوڏ ايندي هئي ته زراعت ٿيندي هئي. خشڪ ساليءَ وقت اتي ڏڪر رهندو هو. سنڌ هر دور ۾ ڏڪر کان محفوظ رهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جا ماڻهو رڳو درياهن جي پاڻيءَ تي نه ڀاڙيندا هئا، پر کوهن ۽ نارن وسيلي زير زمين پاڻيءَ جي ذخيرن جو به استعمال ڄاڻندا هئا. سنڌ خوراڪ جي معاملي ۾ هميشه خود ڪفيل رهي. مگر سنڌ جا ماڻهو هنرمند هئڻ ڪري سدائين خوشحال ۽ سکيا رهيا.

سنڌ جون ڪرت ڪار ذاتيون: ڪتي، ڊکڻ، موچي، ميربحر، واڍا، رازا، ڪنير، حجم، لوهر، سونارا، ڪوري، ڪاسائي، جت، نقاش، سنگتراش، ڏاتو جوڙيندڙ ڪاريگر، سنگيتڪار ۽ ڪاتب وغيره. سنڌ جون هنرمند ذاتيون آهن ۽ اڄ به جديد دور ۾ به ڪين قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ اڄ به سائنس جي دور ۾ سنڌن وڏي اهميت آهي، جو ته مغربي دنيا ۽ مغربي تهذيب ۾ هنرمند ماڻهو پاڻ کي هنرن جا لقب ڏئي سڏرائين ٿا، مثال طور: 'مسٽر باربر' (حجم)، 'مسٽر ٽيلر' (درزي)، 'مسٽر سمٿ' (لوهر)، 'مسٽر ڪارپينٽر' (ڊکڻ) وغيره. هند ۽ سنڌ ۾ سماجي اٽبرابرين ۽ ڏارين جي ڪاهن جي ڪري اسان جي هنرن کي نقصان رسيو ۽ انهن جي ترقي ڪافي رڪجي وئي آهي. ڪيترين هنرمند ذاتيون غلاميءَ سبب اصل ذاتيون سڏرائڻ ۾ عيب سمجهن ٿيون. ان جو ڪارڻ مٿين طبقن جي

ماڻهن ۾ حملي آورن پاران هٿ جو پورهيو ڪندڙن ڪي گهٽ سمجهڻ جو رويو آهي.

قديم دور کان وني سنڌ ۾ ڪپهه ٿاٽي، ائٽ تي سُٽ ڪَتي، ان مان ڪپڙو اُٽي پوشاڪ تيار ڪندا هئا. هر گهر ۾ ائٽ هوندو هو، هر عورت سُٽ ڪتيندي هئي. ’ڪوري‘ ڪتيل سٽ مان سوسيون ۽ زنانا ۽ مرداڻا ڪپڙا تيار ڪندا هئا. 1555ع ۾ ٺٽي ۾ 3 هزار کن ڪپڙي جا ڪارخانا هئا، جتان ڏيساور ڏانهن ڪپڙو موڪليو ويندو هو. قديم سنڌ جون باريڪ ململون ’صطخز‘ جي محلات جي نازڪ اندامن ۽ نيل ڪناري جي ناچڻين ڪي پسند هيون. سنڌ جو عطر ۽ باريڪ ڪپڙو ’قيصر آگستوس‘ جي ڏينهن ۾ ’رومة الڪبرىٰ‘ جي شاهي محلن ۾ ڪتب ايندو هو. اهو ڪپڙو سفيد فام قومن لاءِ ولايتي ڪپڙو هوندو هو. انگريزن ۽ پورچوگيزن سنڌ ۾ اچڻ شرط سنڌ جا هنر سکيا ۽ آڏاڻا پنهنجن ملڪن ۾ کڻي ويا ۽ ائين پنهنجي ملڪ جي هنر کي ترقي وٺرايائون. انگلنڊ اهو واحد ملڪ آهي، جنهن سنڌ جي آڏاڻن جو نقل ڪري ڪپڙي جا ڪارخانا ايجاد ڪيا. سوسين جا هزارين ڪارخانا ٺٽي ۾ هئا. ’منصوره‘ چمڙي رنگڻ ۾ مشهور هو، ’نيرون ڪوٽ‘ رنگيل ڪپڙي لاءِ مشهور هو، سوسيءَ ڪانسواءِ سنڌ جو ڳاڙهو ريٽو مجٺ ۾ رڱيندا هئا، ٺر جون لوئيون، ڪتا ۽ پاڪڙا مشهور هئا. سيريءَ جون زنانيون لوئيون، نيرن ڪوٽ جو عاج، عاج جون چوڙيون ۽ لاک جو سامان، هالاڪنديءَ جو نفيس جنديءَ جو سامان، ٺٽي جون لونگيون ۽ ململ، سيوستان جو ڪاشيءَ جو سامان، دنيا جي ملڪن ۾ پسند ڪيو ويندو هو. سنڌ هنر جي حوالي سان ڏيهان ڏيهه نه صرف مشهور هئي، پر ان ڪري سنڌ جا تعلقات دنيا جي ملڪن سان قائم هئا.

هنر ۽ حرفت لاءِ ضروري شين ۾ ڪپهه، لاک، ڪاٺ، نير، چمڙو، لوهه، چونو، چيرولي، لوڻ وغيره قديم زماني کان سنڌ ۾ موجود هئا. موهن جي دڙي جي تهذيب وقت ۽ ان کانپوءِ به سنڌ ۾ هاٿي، گينڊا ۽ ٻيا جانور موجود هئا، جن جي معلومات موهن جي دڙي مان نڪتل مهرن تي اڪريل شڪلين مان پوي ٿي. ابن بطوطه سنڌ اندر هاٿين ۽ گينڊن جو ذڪر ڪيو آهي. سنڌ ۾ هاٿيءَ جي هڏن مان عاج جي صنعت جو عروج هو.

سنڌ تعميراتي فن ۽ هنر ۾ اڄ کان پنج هزار سال اڳ صف اول ۾ رهي آهي. مٽيءَ مان مقرر ماپ واريون سرون ناهڻ ۽ آويءَ ۾ پچائڻ جو هنر هزارين سال اڳ سنڌي ماڻهن وٽ هو، جيڪو موهن جي دڙي مان ظاهر آهي. موهن جي دڙي واريون عمارتون ان دور جي جديد فن جون عڪاس هيون. ڪاٺ جي ڪم جي چٽسالي شڪارپور، سکر، روهڙي ۽ حيدرآباد جي قديم جاين مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. عاج ۽ پيوند جو ڪم، اڄ جي سائنسي دور ۾ سنڌي طرز وارو رنبيءَ ۽ پيوند جو ڪم سموريءَ دنيا ۾ بيحد ساراهيو وڃي ٿو. قديم عمارتن ڪانسواءِ مغليه دور جون عمارتون، ٺٽي ۽ سکر ۾ پٿر تي چٽسالي ۽ عبارتون ڪاشيءَ جي سرن تي نقاشي سوين سال گذرڻ باوجود انهن جو رنگ ضايع نه ٿيڻ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي. حيدرآباد جي قلعي ۾ ميرن جي محلاتن جا اهي رنگ اڄ به سالم آهن. سنڌ ۾ چٽ بدران قبو اڄ کان 1500 سال اڳ جي ايجاد آهي. جڏهن اڃا سيمينٽ جي ايجاد نه ٿي هئي، تڏهن سنڌ ۾ جبلن مان ملندڙ چن ۽ چيروليءَ کي باهه تي گرم ڪري هڪ مادو جوڙيو هو، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ’هيڊرالڪ لائيم‘ چئبو آهي. اهو ايترو مضبوط آهي، جو هزارين سالن کان عمارتون بيٺل آهن. ان کان علاوه قديم زماني ۾ سنڌ جي گهرن ۾سنڌي عورتون سامان تيار ڪنديون هيون، جهڙوڪ: ائٽ تي سٽ ڪتڻ، بستري لاءِ رلي ناهڻ، مانيءَ رکڻ لاءِ پنديون، هوا هڻڻ لاءِ پکو، شلوارن جا اڳٺ، زناني پوشاڪن تي ڀرت، ڪپڙا سبڻ، اناج محفوظ رکڻ لاءِ گنديون، ڪکڙيون پالڻ لاءِ کُڏيون وغيره ناهڻ، موسم مطابق آچار، ڪتاڻ، چٽيون ۽ طعام پچائڻ، ڪپڙن تي ڀرت ڀرڻ، نازڪ ۽ پائدار ڪپڙن جي ٽڪرن ۽ پراڻن ڪپڙن مان ٽڪ جون رليون ناهڻ، ڪٽڪ جي تيلين مان مانيءَ جون پنديون ناهڻ، ڪجيءَ جي ڦرهن مان پکا ناهڻ سنڌي عورتن جا گهريلو هنر آهن. ان ڪانسواءِ ثقافتي پوشاڪون، گج، ٽوپيون، سڳيون وغيره به گهرن ۾ عورتون ناهين ٿيون. سنڌي پوشاڪ ۾ گج کي وڏي اهميت آهي، جيڪو سومرن ۽ ڪڇي ذاتين جي روايتي پوشاڪ آهي. گج / ڀرت ڀرڻ هڪ خاص هنر آهي، جيڪو گهريلو عورتن جو ڪمال آهي، گج جو ڀرت سومرن جي دور ۾ عروج تي هو، جيڪو ميرن جي صاحبيءَ تائين هليو.




# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر

فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111

ویب سائیٹ www.srso.org.pk